# تاريخ سچ ڳالهائي ٿي

مصنف: رڪ سنڌي

ڪراچي، سنڌ
2025ع

History Speaks Truth

Writer: Ruk Sindhi

Karachi, Sindhi
2025

فهرست

1. سنڌو سڀيتا جي وارثن جون 10 هزار سال آڳاٽيون ايجادون
2. دنيا اندر سڀ کان پهريان ڳٽپ جو فن ڪنهن ايجاد ڪيو؟

3. موهن جو دڙو دريافت ڪندڙ ڪان انگريزن ڪيئن انتقام ورتو؟
4. سنڌو ماٿري جي تهذيب جي ارتقـا □ درياهـه جو ڪردار
5. سنڌ جي تاريخ ڪي جديد انداز سان پيش ڪندڙ محقق غـلام مـحـمـد لاڪـو
6. سنڌ □ بلوچستان □ تاريخي لاڳاپا
7. تاملن جي سنڌو تهذيب بابت سازشي ٿيوري جو ڪهڙو مقصد آهي؟
8. بهاولپور رياست جو بنياد وجهندڙ دائودپوٽا ڪير آهن؟
9. ڇا سنڌو ماٿري جي تهذيب 10 هزار سال پراڻي آهي؟
10. ارغونن ناماري مذهبي عالم مخدوم بلاول کي گهاڻي □ ڇو پيڙهايو؟
11. سنڌو سڀيتا جو قديم ماڳ لاڪاپور ڪڇ

رڪ سنڌي تي لکيل مضمون

12. سنڌو ماٿري تهذيب جو جديد سائنسي, تجزيو پيش ڪندڙ ليکڪ رڪ سنڌي، پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاهه
13. رڪ سنڌي جي ڪتاب ”سنڌو سڀيتا جي اوسر“ جو سرسري جائزو ، طارق امام جوڻيجو

14. رڪ سنڌيءَ جي ڪتاب ”سنڌو سڀيتا: آرين  دراوڙن وارو مفروضو“ جو جائزو، قاضي مقصود احمد
15. ڪتاب ”سنڌو سڀيتا آرين  دراوڙن وارو مفروضو“ تي تبصرو، پروفيسر مدد علي جهتيال
16. ڪتاب ”قومي آزادي جون تحريڪون“ تي تبصرو، پروفيسر مدد علي جهتيال
17. رڪ سنڌيء جو سنڌ جي قديم تاريخ بابت اهم ڪتاب، ماڻڪ ملاح
18. رڪ سنڌي جي ڪتاب “سنڌو سڀيتا جي اوسر” جو اڀياس، خير محمد عاشق سولنگي
19. رڪ سنڌي جو قلمي پورهيو، راجا انور چانڊيو
20. سنڌو تهذيب بابت رڪ سنڌيءَ جو ڪم، قاضي مقصود احمد
21. ”سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ“ ڪتاب جو اڀياس، شاهده ڪلهوڙو
22. What Microsoft copilot says about Ruk Sindhi and his research work
23. Profile of Ruk Sindhi generated by Meta AI

# تاريخ ڪڏهن سچ ڳالهائي ٿي؟

تاريخ رڳو ماضيءَ جي واقعن جو رڪارڊ نه آهي، پر اها انساني شعور جي گڏيل يادداشت آهي. هيءَ اهڙو آئينو آهي، جنهن ۾ اسين نه رڳو پنهنجو ماضي ڏسون ٿا، پر حال جي تشڪيل ۽ مستقبل جي رخ جو تعين به ڪري سگهون ٿا. پر سوال هي آهي: ڇا هر لکي ويل تاريخ سچ ڳالهائي ٿي؟ ۽ جيڪڏهن نه، ته تاريخ ڪڏهن سچ ڳالهائي ٿي؟

اڪثر چيو ويندو آهي ته "تاريخ سچ ڳالهائي ٿي" — جڏهن وقت جي گذر سان حقيقتون پاڻمرادو ظاهر ٿي وڃن ٿيون. هيءُ جملو پنهنجي جاءِ تي گهري بصيرت رکي ٿو، پر ان جو مطلب هي نه آهي ته هر تاريخي بيان خالص سچائي جي نمائندگي ڪري ٿو. حقيقت هي آهي ته تاريخ تڏهن سچ ڳالهائي ٿي، جڏهن:

- ان جا ماخذ صحيح، متنوع ۽ قابلِ اعتماد هجن؛
- تحقيق ايمانداريءَ سان ڪئي وڃي؛
- واقعن کي ذاتي، سياسي يا فڪري تعصب کان پاڪ انداز ۾ بيان ڪيو وڃي۔

جيڪڏهن انهن اصولن کي نظرانداز ڪيو وڃي، ته تاريخ به مسخ ٿي سگهي ٿي — ۽ هيءَ مسخ ٿيل تاريخ ايندڙ نسلن جي ذهنن ۾ غلط تصور، ڪوڙن هيروز ۽ گمراه ڪندڙ بيانن کي جنم ڏئي سگهي ٿي۔

هيءَ به هڪ تلخ حقيقت آهي ته تاريخ گهڻو ڪري انهن ماڻهن جي نقطه نظر سان لکجي ٿي، جيڪي طاقت ۽ اختيار رکن ٿا۔ طاقتور طبقو پنهنجو ڪردار بهتر ۽ مخالفن کي ڪمزور يا غلط ثابت ڪرڻ لاءِ تاريخ کي پنهنجي مفادن مطابق پيش ڪري ٿو۔ ان ڪري ضروري آهي ته اسين تاريخ کي رڳو بيان نه،

پر هڪ سوال جي صورت ۾ ڏسون — جنهن کي تحقيق، تنقيد ۽ تجزيي جي روشنيءَ ۾ پرکجي۔

سنڌ جي تاريخ به اهڙي تناظر ۾ هڪ مثال آهي۔ هتي جا عظيم صوفي، انقلابي ۽ دانشور — جن سچائي، مزاحمت ۽ انسانيت جو علم بلند ڪيو — اڪثر مرڪزي بيانن مان خارج ڪيا ويا۔ انهن جي آواز کي دٻايو ويو، انهن جي فڪر کي مسخ ڪيو ويو، ۽ انهن جي جدوجهد کي وسارڻ جي اونده ۾ ڌڪيو ويو۔

تنهن ڪري، هن ڪتاب جو مقصد رڳو تاريخ کي ورجائڻ نه، پر ان کي "سچ ڳالهائڻ" جي قابل بڻائڻ آهي۔ اسين چاهيون ٿا ته سنڌ جي تاريخ کي ان جي اصل روشنيءَ ۾ ڏٺو وڃي — بغير تعصب، بغير تحريف، ۽ بغير مصلحت۔ هي تڏهن ممڪن آهي، جڏهن اسين مختلف ذريعن جو تقابلو ڪريون، پراڻين روايتن کي سوال جي ڪسوٽيءَ تي پرکيون، ۽ ماضيءَ جي واقعن جو تجزيو کليل ذهن سان ڪريون۔

تاريخ تڏهن سچ ڳالهائي ٿي —
جڏهن اسين ان کي ڳالهائڻ ڏيون ٿا۔

رڪ سنڌي

# سنڌو سڀيتا جي وارثن جون 10 هزار سال آڳاٽيون ايجادون

# رک سنڌي

دنيا جي تعمير ۽ ترقي ۾ ٻين قومن وانگر سنڌو ماٿري جي ماڻهن جو به اهم ڪردار رهيو آهي. دنيا اڄ ترقي جو جيڪو معراج ماڻيو آهي، ان ۾ سنڌ ديس جي ماڻهن جو ڀڳهر ۽ ڀورهيو به شامل رهيو آهي. اڄ کان هزارين سال اڳ هن ڌرتي تي انسانذات جيڪو سفر شروع ڪيو، ان سفر جي پيرن جا نشان سنڌو ماٿري ۾ به ملن ٿا. سنڌو ماٿري اندر اڄ کان 10 هزار سال اڳ جيڪا تهذيب اُسري، اها جاگرافيائي طور ميڙني ايشيائي تهذيبن کان وسيع ايراضيءَ ۾ اٽڪل 5 لک چورس ميلن تائين پکڙيل هئي. ان جو ڦهلاءُ روس جي سرحدن تائين وڃي پهتو هو. سنڌو سڀيتا جو علائقو پکيڙ ۾ بابل کان ڇؤڻو ۽ مصر کان ٻيڻو هو. سنڌو سڀيتا جي ايراضيءَ ۾ موجوده سمورو پاڪستان، هندستاني پنجاب، اولهه يو پي، هريانا، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات، مهاراشٽر ۽ افغانستان جو ڪجهه حصو شامل هئا. ان وقت سنڌو رياست امڪاني پنجن صوبن ۾ ورهايل هوندي هئي. جنهن جو مرڪز موهن جو دڙو هوندو هو ۽ موجوده سنڌ، مرڪزي صوبو هوندو هو.

سنڌو ماٿري ۾ 5 لک سال اڳ انساني رهائش جا آثار هٿ آيا آهن. اهڙا آثار ماهرن ننگر پارڪر ۽ لوٽي ندي پرسان هٿ ڪيا آهن. جتان پراڻي پٿر دور جي انسانن جي استعمال جا اوزار به هٿ آيا آهن. يعني 5 لک سال اڳ هتان جي رهواسين رولو زندگي کي ڇڏي باقاعدي هڪ هنڌ

رهائش اختيار ڪئي. جيڪو انساني ترقي جي تاريخ ۾ هڪ سنگ ميل هيو. (1)

سنڌو ماٿري ۾ 50 هزار سال اڳ روهڙي وارين ٽڪرين مان به انساني رهائش ۾ سندن استعمال جا اوزار هٿ آيا آهن. انهن اوزارن سان هو جانورن ۾ پکين جو شڪار ڪندا هيا. (2)

اسان هيٺ سنڌو سڀيتا جي دور ۾ ٿيل اهم ايجادن بابت مختصر تفصيل شامل ڪنداسين. جيئن ان ڳالهه جو پتو پئجي سگهي ته سنڌ جي ماڻهن دنيا جي ترقي ۾ ڪهڙو حصو ورتو. دنيا کي هن ماٿري جي ماڻهن اڄ کان هزارين سال اڳ ڪهڙو ڪهڙو علم ۾ ايجادون منتقل ڪيون.

## باهه جي دريافت

سنڌو ماٿري ۾ 50 هزار سال اڳ باهه جي دريافت جا آثار ملن ٿا. يعني دنيا اندر سڀ کان پهريان هن ماٿري جي رهواسين باهه جي دريافت ڪئي. باهه جي دريافت انساني زندگي جي ترقي ۾ هڪ وڏو چال ثابت ٿيو. (3)

## فصل پوکڻ جي شروعات

سنڌو ماٿري ۾ 15 هزار سال اڳ هتان جي رهواسين زمين کيڙڻ، فصل پوکڻ ۾ جانور پالڻ جي شروعات ڪئي. جنهن جا آثار روهڙي، ڪراچي، حيدرآباد ۾ منڇر ڍنڍ وارن علائقن جي قديم آثارن مان هٿ آيا آهن. (4)

## ڪکاوان گهر ٺاهڻ جي شروعات

هن ماٿري ۾ 8 هزار سال اڳ ڳوٺ پڏڻ، ڪکاوان گهر ٺاهڻ ۾ زراعت کي ترقي ڏيارڻ جا ثبوت ملن ٿا. ان ئي دور ۾ پهريون پيرو گهرو

استعمال جا ٿانون ايجاد ڪيا ويا. مهرڳڙهه ۾ آمري مان اهڙا ثبوت مليا آهن. 05) (6)

### چڪ جي ايجاد

سنڌو ماٿري ۾ ساڍا 6 هزار سال اڳ ( 4000 ق م) سڀ کان وڏي ايجاد چڪ تي ٿانون ٺاهڻ هيو. جيڪا دنيا اندر پهرين وڏي ايجاد قرار ڏني وڃي ٿي. جنهن بعد ئي اڳتي هلي ڦيٽي جو بنياد پيو. (7) (8)

### ڦيٽي ۾ ڏاند گاڏي جي ايجاد

سـنڌو سـڀيتا جي وارثن واپـار سـبب ئي ٽرانسپورٽ جي ٽيڪنالاجي ۾ مهارت حاصل ڪـئي. سنڌو سڀيتا دنيا جي پهرين تهذيب هئي، جنهن ڦيٽي کي ٽرانسپورٽ طور استعمال ڪيو. هن سـڀيتا جي وارثن ڏاند گاڏين جي ايجاد ڪئي. (9) جيڪـا قـديم دور جي انسـان جي هڪ وڏي سائنسـي ايجـاد ۾ ترقيءَ طرف اڳڀرائي هئي.

### ڌات جي دريافت

سنڌ ۾ ساڍا 6 هزار سال (4000 ق م) اڳ ڌات ڳولي لڌي وئي. جنهن بعد پهريون پيرو ٽامي مان اوزار ۾ هار سينگار جون شيون ٺاهڻ جي شروعات ٿي. (10)

### شهري رياست جو بنياد

سنڌو ماٿري اندر شهري رياست جو بنياد ساڍا 7 هزار سال اڳ (5 هزار ق-م) ڌاري پيو.

هتان جا ماڻهو شهرن □ رهڻ لڳا. سندن گهر پڪسراوان، به ماڙ بلڊنگن تي مشتمل هجڻ سان گڏ جديد طرز جي غسل خانن، بورچيخانن، تلائن، کوهن سان يعني اڄ ڪالهه جي شهرن وانگر مڙني سهوليتن سان آراستا هئا. سندن شهرن جا رستا ڪشادا، زمين □ ڍڪيل ناليون، وندر جون جايون، مسافر خانا □ بازارون سهڻي رٿا سان جڙيل هيون. موهن جو دڙو، هڙاپا، چانهون جو دڙو ان دور جا وڏا شهر يعني اهم شهري مرڪز قرار ڏنا ويندا آهن. (11)

<u>سونا زيور ٺاهڻ جو هنر</u>

سنڌو ماتري جي رهواسين سادا 7 هزار سال اڳ سونا زيور ٺاهڻ جو بنياد وڌو. موهن جي دڙي جي دور □ سنڌ □ سونارڪو هنر عروج تي هيو. چانهون جي دڙي واري شهر مان سونا زيور ايترا ته مليا آهن، جو آرڪيالاجي ماهرن ان کي ”زيورن جو شهر“ قرار ڏنو آهي. چانهون جي دڙي مان سون، متيءَ، تامي □ سپيءَ مان ٺهيل چوڙيون، هار، تائيث، ٻهه رکيون، بازوبند، ڏند کوٽيون، ڪن کوٽيون، وارن جون ٽاچنيون، سرمي وجهڻ جون سرايون □ ڪانيون هٿ آيون آهن. (12) اهي سڀ هن ماتري جي ماڻهن جون ايجادو هيون.

<u>مصوري جو بنياد</u>

سنڌو ماتري □ سادا 7 هزار سال اڳ مصوري جو بنياد پيو. هو پڪل متيءَ جي ٿانون،

پٿر، هڏي  هاٿي جي ڏنـدن تي ڏاڍيـون سـهڻيون  دلڪش مورتون ناهيندا هئا. (13) آمري، موهن جي دڙي  چانهون جي دڙي مان اهڙا ثبوت مليا آهن. (14)

## شطرنج جي ايجاد

سنڌو ماٿري شطرنج جي جاءِ پيـدائش هـئي. مـوهن جي دڙي مـان اهڙيـون ڳوٽـون  پـٿر مليـو آهي، جنهن تي شطرنج جا خانـا ٺهيـل آهن. ان دور  بـه شـطرنج ائين کيـڏي وينـدي هـئي، جـيئن هن وقت کيڏي وڃي ٿي. (15)

## ٻارن جا رانديڪا

سـنڌو مـاٿري جي وسـندين مـان بي انتهـا رانديڪا پڻ مليـا آهن. هٽـان مـٽيءَ، سـپ، پـٿرن  هـاٿي ڏنـدن جي هـر قسـم جـا ارنـديڪا مليـا آهن. رانديڪن  مٽيءَ جون ٺهيل ننڍڙيون گاڏيون، مٽيءَ جـا ڏانــد، ننــڍن سـڱن وارا ڏانـد، گينـڊا، مينهـون، شـينهن، سـوئر، پـولڙا، سـها، مڇيـون، مـانگر مڇ، ڪچون، ڪڪڙيون، طوطـا خـاص طـور ذڪـر لائـق آهن. (16)

## ڪٽڪ جي پوک

دنيـا  ڪٽڪ جي پـوک جي شـروعات سـنڌ مان ئي ٿي. سنڌ  موهن جي دڙي مـان ڪٽڪ جـا ڪي ڪارا ٽيل پر سالم داڻا به مليا آهن. هڙاپا مــان مٽر  ٽر مليا آهن. جڏهن تـه مـوهن جي دڙي مـان ڪجور جون ڪڪڙيون به مليون آهن. (17)

## كپهه مان كپڙي ٺاهڻ جي صنعت

سنڌو ماٿر جي اهم دريافت مــوهن جي دڙي مان مليل اهو كپهـه جـو ٺاٽيل كــپڙو آهي، جيكــو ٽامي □ چانديءَ جي ٿالهيءَ جي پرسـان مليـو آهي. اها كپهه جي قديم تـرين دريـافت آهي. جـڏهن تـه كـوركـو هنر سنڌ □ گهڻي قديم زماني كان موجــود هيو. (18) (19) موهن جي دڙي مان سٽ كتڻ جا ائٽ مليا آهن. كوٺائي مان گهڻو كري هر گهر مــان سٽ كتڻ جـا چرخـا مليـا آهن. اهي چرخـا قيمـتي ڌاتن كان وٺي مٽيءَ جا به ٺهيل مليا آهن.

## سارين جي پوک

سنڌ جا ماڻهو كٽك، كپهه كان سواءِ سارين جــا فصــل پڻ پوكينــدا هئــا. اڳ ســڄي دنيــا ائين وســهندي هــئي تــه ســڄي دنيــا □ پهريــان پهريــان چانورن جي پوک فلپائين □ ئي ٿي. پر ســنڌو ســپيتا جي قديم آثارن جي كوٺائين مان معلوم ٿيو آهي ته فلپائن كان به كي صديون اڳ سنڌ جا هــاري نــاري سارين جي پوک كندا هئا. (20)

## كئيلنڊر جو استعمال

مــــوهن جي دڙي جـــا مـــاڻهو 2500 ق-م □ چوماســـي وارين هــوائن □ ســنڌوندي □ ٻــوڏ جــو اڳواٽ اندازو لڳـائڻ لاءِ پـٿرِ جـا كئلينـڊر اسـتعمال كندا هئا. فنلينڊ جي قديم آثارن واري ماهر ڊاكــٽر ايركا مائولا ٻڌايو آهي ته اهي پـٿر دنيـا جـا پهريـان سائنسي اوزار آهن. ڊاكٽر مائولا دعوى كـئي آهي

ته سائنس جي جنم ڀومي ميسوپوٽيميا يا مصر نه پر سنڌ آهي. (21) (22)

<u>علم فلڪيات جي ڄاڻ</u>

سنڌو ماٿر جا رهواسي مهينا چنڊ مطابق شمار ڪندا هئا. هتي چنڊ جي حساب سان مهيني جو رواج هيو. ان حساب سان موسمن جو به شمار ڪندا هئا. هو چنڊ جي رفتار سان پنهنجا ڏڻ ملهائيندا هئا. (23) موهن جي دڙي جا رهواسي هرهڪ موسم جا چار مهينا شمار ڪندا هئا. رياضيءَ جي هڪ روسي ماهر آءِ اي ولدروسڪيءَ ٻڌايو آهي ته موهن جي دڙي مان هٿ آيل مهرن جي ڪمپيوٽر ذريعي اڀياس مان معلوم ٿيو آهي ته سنڌو ماتريءَ جا ماڻهو ”علم فلڪيات“ بابت وڏي ڄاڻ رکندا هئا.

<u>ڳڻپ جو فن □ زيرو جي ايجاد</u>

سنڌ جي قديم باشندن ڳڻڻ جو فن ايجاد ڪيو. ڇو جو ڳڻڻ جون مٽيءَ جون گوليون □ تورڻ جا وٽ اسان کي سنڌ جي قديم آثارن مان مليا آهن. سنڌي ماڻهو لکڻ پڙهڻ جي فن کان اڳ ڳڻڻ جو فن ايجاد ڪيو. هڪ ماهر گريئرسن ٻڌائي ٿو ته سنڌو ماٿر جا رهواسي ڳڻپ ڪري ڄاڻندا هئا، هو انگ ڳڻڻ □ حساب ڪتاب رکڻ جا ماهر هئا. هو ويهون ويهون ڪري ڳڻيندا هئا □ سٺ ٻدران ٽي ڪوڙيون يا ٽي ويهون ڪري چوندا هئا. جيڪو طريقو اڄ به سنڌ اندر رائج آهي. ان وقت ڦهريون پيرو هن ماتري جي ماڻهن ويهون ويهون جي

صورت □ انگن □ زيرو (0) جو استعمال ڪيو. (24) (25)

<u>تور لاءِ وٽ □ تارازو جو استعمال</u>

موهن جي دڙي مان پٿرن جا نهايت صفائي سان ٺهيل ٽڪرا ملن ٿا. جيڪي وزن ڪرڻ لاءِ وٽن طور استعمال ٿيندا هوندا. انهن □ ڪي وٽ ته ايترا وڏا آهن، جو ڪين رسن سان ڪٽڻو پوندو هوندو. ڪي ته وري ايترا ننڍڙا آهن، جو انهن سان سون □ چاندي توريو ويندو هوندو. (26) موهن جي دڙي مان مليل ننڍا وٽ خاڪي رنگ جي سليٽ جا هئا. تارازو گهٽ مليا آهن. تقريبن هڪ سو پنجاهه جڳهن تي پيمائش ڪرڻ سان اهو معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ اندر هڪ ئي وقت □ فوٽ □ ڪيوبڪ فوٽ ٻنهي طريقن سان پيمائش ڪئي ويندي هئي.

<u>جاميٽري جو علم</u>

مشهور آمريڪن سنڌي محقق پروين ٽالپر پنهنجي ڪتاب "اڍائي هزار کان ڏيڍ هزار سال قبل مسيح تائين سنڌو ماٿري جي سپيتا □ جاميٽري جا اهڃاڻ" □ تحقيق ڪري ڄاڻايو آهي ته موهن جي دڙي جا ماڻهو جيوميٽري جي علم کان واقف هُئا جنهن لاءِ هن موهن جي دڙي جي لپي (اسڪرپٽ) جي هر اکر کي ڪٽي ان کي ثابت ڪيو آهي ته انهن مان هرهڪ جيوميٽريڪل پئٽرن موجب جڙيل آهي□ (27) (28)

<u>واپاري مهرن جي ايجاد</u>

سنڌو سڀيتا جي وارثن جي ڪاميـاب ترين تخليق اهي مهرون آهن، جيڪي موهن جي دڙي، هڙاپا ۽ ٻين شهرن مان مليون آهن. ايڏي وڏي تعداد ۾ مهرون مليون آهن جو ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هر شخص وٽ پنهنجي مهر هوندي هئي. اهي مهرون اسٽيٽائيٽ (Steatite) مان ٺهيل آهن. (29)

## ٻيڙيون ۽ جهاز راني

سنڌو سڀيتا جي دريافت کان اڳ دنيا وارن جي نظر ۾ ته پهرين جهاز راني جو فن فنيقي قوم ايجاد ڪيو. پر جڏهن سنڌ ۾ قديم آثارن جون کوٽايون ٿيون ۽ سنڌو سڀيتا پنهنجي عجائبات سان ظاهر ٿي ته ماهرن کي ان پراڻي راءِ کي تبديل ڪرڻو پيو. ڇو جو فنيشيا کان گهڻو اڳ جهاز رانيءَ جي فن جو پتو سنڌ ۾ پوي ٿو. سنڌو سڀيتا جي دور ۾ مڪران جي سامونڊي ڪناري تي دشت نديءَ جي واديءَ ۾ ”سٽڪگين در“ ۽ شادي ڪرونڊيءَ جي ماٿر ۾ ”سٽڪگين ڪوهه“ سنڌ ۽ عراق وچ ۾ جهاز رانيءَ جا ٻه وڏا مرڪز هئا. جتي سامونڊي جهاز لنگر هٽندا هئا. ساڳئي ئي وقت ڪنڀات جي نار جي ڪناري تي لوٿل نالي شهر جي کوٽائي مان سامونڊي جهازن ٺاهڻ جي هڪ گودي ملي آهي، جيڪا سڄي پڪين سرن جي ٺهيل آهي. (30)

## ململ جو ڪپڙو

بابل ۽ نينوا جي ڪتبن ۾ سنڌ جي شربتي ململ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جنهن کي ’سنڌو‘

سڏيو ويندو هو. ان مان خبر پوي ٿي ته سنڌ جا هنرمند ململ جو ڪپڙو تيار ڪري پرڏيهه ۽ وڪرو ڪري ناڻو ڪمائيندا هئا، يا ان جي بدلي اتان شيون خريد ڪري هتي آڻيندا هئا. سنڌو درياهه جي نسبت سان ان ڪپڙي کي "سنڌو" (ململ) سڏيو ويندو هو. (31) (32)

<u>ٻولي ۽ لپي</u>

سنڌ ۾ قديم آثارن جي کوٽائي کان اڳ ماهرن وٽ اها راءِ موجود هئي ته تحرير جو فن سڀ کان پهريان دجله ۽ فرات وارن ايجاد ڪيو. ان بعد مصري تهذيب وارن ۾ ٻين سکيو. موهن جي دڙي جي کوٽائي کان پوءِ ثابت ٿيو ته ساڍا 7 هزار سال اڳ سنڌو سڀيتا جي وارثن وٽ لکت جو هڪ نظام موجود هو. موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان اٽڪل 800 کن مهرون ۽ ٺائيٺ لڌا آهن. جن تي شڪليون، تصويرون ۽ لکت جون نشانيون اُڪريل آهن. اها ان وقت جي سنڌي ٻولي جي لپي هئي. (33) (34)

References:


(1) Panhwar, M.H. "Chronological dictionary of Sindh" P- 7-8

(2) Report "Bulletin" Vol: 5, 1975-76, Institute of Sindhology p-18

(3) Lal, B. B. "The Rigvedic People: 'Invaders'?/'Immigrants'? or

Indigenous?". *Aryan Books International*.

(4) http:// archaeology.about.com/od/Domesticated-Plants/fl/The-Domestication-of-Sesame-Seed-Ancient-Gift-from-Harappa.htm

(5) لئمبرک، ايچ. ٽي ”سنڌ هک عام جائزو“ ص-98 ، وڏيک ڏسو گنکوفسکي، ”پاکستان کي قوميتين“، ماسکو 1976ع، ص-33-34

(6) Mughal, M.R “The Dawn of Indus Civilization” Sindh Quarterly Karachi 1980-4, P-24 to 27

(7) پنهور، ايم ايچ، ”سنڌ جي تاريخ.... تحقيق  اشاعت“ ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1984-2، ص-164

(8) Panhwar, M.H, The Chronological Dictionary of Sindh” jamshoro, P-18

(9) Michael D. Petraglia, Bridget Allchin, The Evolution and History of Human Populations in South Asia, Netherlands 2007, Ref: https://books.google.com.pk/books?id=Qm9GfjNlnRwC&pg=PA18&lpg=PA18&dq=Evolution+%26+Human+Origins+in+Indus+v

alley&source=bl&ots=7VbPi2qT6i&sig=deYXzfGE5jXxOwV6eBYU7goPKM&hl=en&sa=X#v=onepage&q=Evolution%20%26%20Human%20Origins%20in%20Indus%20valley&f=false

(10) گنکو فسکي، ”پاکستان کي قوميتين“،ماسکو 1976ع، ص-35

(11) The researchers were led by University of Florida scientists Benjamin Valentine (who is now at Dartmouth College), John Krigbaum and George Kamenov with two Deccan College, Pune scientists Vasant Shinde and Veena Mushrif-Tripathy, and two more US scientists making up the other members. Their research paper is published in in the online journal PLoS ONE.

(12) Mackay, E. Chanhu-Daro: Excavations 1935-1936. New York, 1943. (American Oriental Series, vol. 20.)

(13) الانا، غلام علي، ”سنڌي ثقافت جا اهم پهلو“، انا مينهن ملير، ص-92-101

(14) حسن، سبط، ”پاکستان مين تهذيب کا ارتقا“ ص-62-63

(15) Gupta, K.R.; Gupta, Amita.

(2006). *Concise Encyclopaedia of India, Volume 3*. Atlantic Publishers & Distributors. pp. 964

(16) Mohenjo-daro Tools and Artifacts Photo Gallery. *Archaeology Online*; retrieved 8 April 2012.

(17) http://archaeology.about.com/od/Domesticated-Plants/fl/The-Domestication-of-Sesame-Seed-Ancient-Gift-from-Harappa.htm

(18) http://archaeology.about.com/od/Domesticated-Plants/fl/The-Domestication-of-Sesame-Seed-Ancient-Gift-from-Harappa.htm

(19) ايم ايڇ پنهور، سنڌ جي ريجاڻي تاريخ، ڪراچي، 2013ع، (باب ستون)

(20) https://www.sci.news/archaeology/indus-civilization-rice-04400.html

(21) روانه هلال پاڪستان 31 ڊسمبر 1983ع

(22) A. K. BAG, ASTRONOMY IN INDUS CIVILIZATION AND DURING VEDIC TIMES, https://www.researchgate.net/publication/241232191_Astronomy_in_In

dus_Civilization_and_during_Vedic_Times/fulltext/02cd71420cf2f49a781e5331/Astronomy-in-Indus-Civilization-and-during-Vedic-Times.pdf

(23) A. K. BAG, ASTRONOMY IN INDUS CIVILIZATION AND DURING VEDIC TIMES, https://www.researchgate.net/publication/241232191_Astronomy_in_Indus_Civilization_and_during_Vedic_Times/fulltext/02cd71420cf2f49a781e5331/Astronomy-in-Indus-Civilization-and-during-Vedic-Times.pdf

(24) Graersen, “Linguistic Survey of India” Vol: 1, Part 1, P-35-132

(25) Dr Bryan Wells, “Indus Valley's Bronze Age civilisation 'had first sophisticated financial exchange system”, http://www.telegraph.co.uk/news/worldnews/asia/india/6584160/Indus-Valleys-Bronze-Age-civilisation-had-first-sophisticated-financial-exchange-system.html

(26) Dr Bryan Wells, “Indus Valley's Bronze Age civilisation 'had first sophisticated financial exchange system”,

http://www.telegraph.co.uk/news/worldnews/asia/india/6584160/Indus-Valleys-Bronze-Age-civilisation-had-first-sophisticated-financial-exchange-system.html

(27) لئمبرک، ايچ. ٽي ”سنڌ هک عام جائزو“ ص- 103-102

(28) Talpur, Parveen, Evidence of Geometry in Indus Valley Civilization 2500-1500 B.C. Sindhology Department, University of Sindh, Jamshoro. 1995

(29) Frank Raymond Allchin, Craft, technology, and artifacts in Indus Valley Civilization, https://www.britannica.com/place/ancient-Egypt/The-Predynastic-and-Early-Dynastic-periods

(30) Michael D. Petraglia, Bridget Allchin, The Evolution and History of Human Populations in South Asia, Netherlands 2007, Ref: https://books.google.com.pk/books?id=Qm9GfjNlnRwC&pg=PA18&lpg=PA18&dq=Evolution+%26+Human+Origins+in+Indus+valley&source=bl&ots=7VbPi2qT6i&sig=deYXzfGE5jXxOwV6eBYU7goP

KM&hl=en&sa=X#v=onepage&q=Evolution%20%26%20Human%20Origins%20in%20Indus%20valley&f=false

(31) Marshall, Sir John “Mohen jo Daro and Indus Civilization” Vol: 1, P-VI

(32) Majumdar, R.L, “History and Culture of Indian People” Bombay, 1955, Vol: 2, P-611-612

(33) ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌيڪار، سنڌو لکت، ايڪيهين صديءِ ۾ ٿيل نئين تحقيق، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، 2012ع (راجيش رائو ۽ سندس ساٿين جو مقالو)

(34) Locklear, Mallory (25 January 2017). "Science: Machine learning could finally crack the 4,000-year-old Indus script". The Verge. Manhattan, New York, NY

# دنيا اندر سڀ کان پهريان ڳڻپ جو فن ڪنهن ايجاد ڪيو؟

رڪ سنڌي

دنيا جو اهو دستور آهي ته هر ڳالهه جو حساب ڪتاب ٿيندو آهي. اسان سنڌي ۾ ان کي ليکو چوکو ڪرڻ به چوندا آهيون. اسان وٽ هڪ مهاورو عام زندگي ۾ تمام گهڻو استعمال ٿيندو آهي ته “په پائر ٿيون ليکو” اهو ليکو ئي حساب ڪرڻ آهي. حساب تڏهن ٿيندو، جڏهن اوهان انگ اکر ڄاڻندا هوندا. حساب ڪتاب جو بنياد ئي ڳڻپ تي رکيل آهي. اها ڳڻپ ڪرڻ ڪنهن ايجاد ڪئي. يعني دنيا اندر انگي حساب ڪنهن جوڙيو، يعني رياضي جي علم جا ايجاد ڪندڙ ڪير آهن. ڪجهه سال اڳ يعني 2008ع ۾ آمريڪي محقق مائيڪل هيملٽن مورگن “ گم ٿيل تاريخ” (lost History) ڪتاب لکيو. جيڪو واشنگٽن ۾ نيشنل جاگرافيڪ اداري طرفان شايع ڪيو ويو. هي ڪتاب اصل ۾ مسلم سائنسدانن جي ماضيءَ ۾ ڪيل ڪارنامن ۽ ايجادن بابت هيو. جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته مسلم خاص ڪري عرب سائنسدانن جي سائنس ۾ ٻين علم جي شعبن ۾ ڪيتري حصيداري رهي آهي. هي ڪتاب دنيا جي مختلف ٻولين ۾ شايع ٿيو آهي. هن وقت اهو ڪتاب انگريزي ٻولي ۾ پي ڊي ايف صورت ۾ منهنجي سامهون آهي. جنهن ۾ مورگن لکي ٿو ته، “اڄ سائنسي دنيا جيتري به ترقي ڪئي آهي، ان جو بنياد رياضي آهي. جڏهن ته رياضي جا موجود يعني ايجاد ڪندڙ سنڌي هئا. هڪ سنڌي رياضيدان برهم گپت هڪ ڪتاب لکيو هو. جنهن جو نالو “برهما شپتا سدهانتا” يعني “ڪائنات جي ابتدا” هيو. ان ڪتاب کي عرب ليکڪ الخوارزمي عربي ۾

ترجمو ڪيو ۽ ان جو نالو “السنڌ الهند” رکيو. اهو ڪتاب بعد ۾ لاطيني ۾ ترجمو ٿيو ۽ پوءِ دنيا جي ٻين زبانن ۾ ترجمو ڪيو ويو. دنيا ان ڪتاب مان “ٻڙي” (0) انگ حاصل ڪيو.” (1)

پهريان ته پاڻ ڪي اها ڪوج ڪرٽي آهي ته برهما گپتا ڪير هيو. برهم گپتا قديم سنڌ ماٿري جو وڏو رياضي دان ۽ فلڪيات دان هو، (2) پاڻ راجسٿان جي علائقي يعني قديم سنڌ جي شهر  پيلمالا ۾ 598ع ۾ ڄائو ۽ 668ع ۾ وفات ڪيائين. پيلمالا گجراديش جي گاديءَ جو هنڌ هو، جيڪو اولهه هندستان جي ٻئي نمبر وڏي رياست هئي ۽ ان ۾ اڄوڪي ڏکڻ راجسٿان ۽ اتر گجرات شامل هئا.

هن رياضي ۽ فلڪيات تي ٻه اهم ڪتاب لکيا: هڪ “برهما شپتا سدهانتا” يعني “ڪائنات جي ابتدا”، جيڪو 628ع ۾ لکيو ويو. ٻيو ڪتاب “خندا خاديڪا "ڪائڻ لائق ٽڪرو"، جيڪو 665ع ۾ لکيو ويو، جيڪو وڌيڪ عملي نوعيت جو ڪتاب آهي. 628ع ۾ برهم گپت پهرين پيرو ڪشش ثقل کي هڪ ڇڪڻ واري قوت طور بيان ڪيو ۽ ان کي سنسڪرت ۾ “گروتواڪرشٽم” جو نالو ڏنو. (3)

هن چوڪور مساوات جي به پهريون پيرو واضع وضاحت ڪئي. جيڪا سندس اهم ڪتاب “برهما شپتا سدهانتا” ۾ شامل آهي. “برهما شپتا سدهانتا” ڪتاب ۾ رياضيءَ جا اهم باب، جهڙوڪ الجبرا، جاگرافي، ٽرگنوميٽري ۽ خوارزميات شامل آهن، جيڪي برهم گپت جي تخليقي سوچ جو نتيجو سمجهيا وڃن ٿا. (4) رياضي ۾ هن جي حاصلات

زيرو يعني ٻڙي جو درجو  اهميت جو فارمولا ڳولڻ هيو. (5)

اسان هتي هڪ ڳالهه واضح ڪندا هلون ته سنڌو ماٿري جي رهواسين باقي دنيا جي پيٽ  سڀ کان اڳ ڳڻپ جو فن ايجاد ڪيو. سنڌو سڀيتا جي دور  5 هزار سال اڳ هن خطي جا رهواسي جن جي گذر سفر جو ذريعو واپار تي هيو، انهن رياضي جو بنياد وڌو. هڪ سنڌي رياضيدان برهم گپت کان به ساڍا 3 هزار سال اڳ يعني 3000 ق م  هن ماٿري جا ماڻهو انگ ايجاد ڪري چڪا هئا.

دنيا جا ماهر ان تي متفق آهن ته سنڌ جي قديم باشندن ڳڻڻ جو فن ايجاد ڪيو  شين جو وزن ڪرڻ يا وقت  فاصلي جي پيمائش جو آغاز به هتان ٿيو. ڇو جو ڳڻڻ جون مٽيءَ جون گوليون  تورڻ جا وٽ اسان کي سنڌ جي قديم آثارن مان مليا آهن. سنڌي ماڻهو لکڻ پڙهڻ جي فن کان اڳ ڳڻڻ  تورڻ جو فن ايجاد ڪيو. هڪ ماهر گريئرسن پنهنجي ڪتاب “لنگوسٽڪ سروي آف انڊيا”  ٻڌائي ٿو ته “سنڌو ماٿر جا رهواسي ڳڻپ ڪري ڄاڻندا هئا، هو انگ ڳڻڻ  حساب ڪتاب رکڻ جا ماهر هئا. هو ويهون ويهون ڪري ڳڻيندا هئا  سٺ ٻدران ٽي ڪوڙيون يا ٽي ويهون ڪري چوندا هئا. جيڪو طريقو اڄ به سنڌ اندر رائج آهي. (6)

جڏهن سنڌو سڀيتا جا وارث نه فقط ڳڻپ جو فن ايجاد ڪري چڪا هئا، پر موهن جي دڙي جا ماڻهو

جيوميٽري جي علم کان به واقف هئا. ان سلسلي  آمريڪن سنڌي محقق پروين ٽالپر پنهنجي ڪتاب "اڍائي هزار کان ڏيڍ هزار سال قبل مسيح تائين سنڌو ماٿري جي سپيتا  جاميٽري جا اهڃاڻ"  تحقيق ڪري ڄاڻايو آهي ته موهن جي دڙي جا ماڻهو جيوميٽري جي علم کان واقف هُئا جنهن لاءِ هن موهن جي دڙي جي لپي (اسڪرپٽ) جي هر اکر کي ڪٽي ان کي ثابت ڪيو آهي ته انهن مان هرهڪ جيوميٽريڪل پئٽرن موجب جڙيل آهي (7)

سنڌي ماڻهن جي جاميٽري کان ڄاڻ بابت ايچ ٽي لئمبرڪ به پنهنجي ڪتاب “سنڌ هڪ عام جائزو”  ثبوت مهيا ڪيا آهن. آمري مان مليل ٿانون جي ٽري تي ٿلهن ڪارن پٽن تي لاڳيتا ٽڪنڊا مليا آهن. ٽڪنڊن جي پاسن  ڳاڙهو رنگ پريل آهي. لئمبرڪ ان دؤر جي ماڻهن جي ٿانون بابت ٻڌائي ٿو ته، ”هو ٺڪر تي ڪاري يا ڳاڙهي رنگ سان چٽسالي ڪندا هئا  انهن تي جاميٽري جي شڪلين جهڙا چٽ ڪڍندا هئا.“ (8)

ناميارو ماهر ايم ايچ پنهور به لکي ٿو ته، سنڌو تهذيب جي دور  شروع شروع  جيڪي ٿانون ٺهڻ لڳا، پهريان انهن تي سادي قسم جي چٽسالي ٿيندي هئي، جنهن  اڪثر جانورن جون شڪليون چٽيل هونديون هيون. ان قسم جا ٿانون 6 هزار ق - م کان سنڌو ماٿر اندر رائج هئا. بعد  انهن ٿانون  ترقي ٿيڻ شروع ٿي. اٽڪل 3500 ق - م ڌاري ٿانون تي جانورن جون شڪليون چٽڻ جو ڪم بند

ٿي ويو ۾ ان جي جاءِ جاميٽري جي ڏکين ۾ رنگ برنگي نمونن ورتي. (9)

هن ديس ۾ انگن اکرن جي ايجاد ثابت ڪري ٿي ته سنڌو ماٿري جي سپيتا جي وارثن وٽ دنيا اندر پهريون معاشي نظام موجود هو. ڪيناڊا جي ميٿاميٽڪس جي ماهر ڊاڪٽر بريان ويلس (Dr Bryan Wells) طرفان انڊين انسٽيٽيوٽ آف ميٿاميٽيڪل سائنس جي تعاون سان ڪيل تحقيق بعد ثابت ڪيو آهي ته سنڌو سپيتا جي شهري تمدن جي دور ۾ انتهائي بهتر قسم جو معاشي نظام موجود هو. هنن وٽ ماپ، طور ۾ شين جو ملهه طئه ڪرڻ جو نظام موجود هو. اناج جي تور ڪئي ويندي هئي. جنهن لاءِ مختلف وزن جا وٽ ٺاهيا ويا هئا. (10) روزمره جي استعمال جي شين جي مٽاسٽا به ڪئي ويندي هئي، مزدورن کي پگهار ڏني ويندي هئي. جيڪا اناج ۾ روزمره جي استعمال جي شين جي صورت ۾ هوندي هئي.

موهن جي دڙي مان پٿرن جا نهايت صفائي سان ٺهيل ٽڪرا ملن ٿا. جيڪي وزن ڪرڻ لاءِ وٽن طور استعمال ٿيندا هوندا. انهن ۾ ڪي وٽ ته ايترا وڏا آهن، جو کين رسن سان ڪٽڻو پوندو هوندو. ڪي ته وري ايترا ننڍڙا آهن، جو انهن سان سون ۾ چاندي توريو ويندو هوندو. موهن جي دڙي مان مليل ننڍا وٽ خاڪي رنگ جي سليٽ جا هئا. تارازو گهٽ مليا آهن. تقريبن هڪ سو پنجاهه جڳهن تي پيمائش ڪرڻ سان اهو معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ اندر هڪ ئي

وقت □ فوٽ □ ڪيوبڪ فوٽ ٻنهي طريقن سان پيمائش ڪئي ويندي هئي.

اسان هتي اها ڳالهه ثابت ڪئي آهي ته برهم گپت کان به ساڍا 3 هزار سال اڳ هن ئي ماٿري □ ڳڻپ جي فن جي ايجاد ٿي چڪي هئي. سنڌو ماٿري جي رهواسي نه فقط لکت جو فن ايجاد ڪري چڪا هئا، پر ڳڻپ جي به ابتدا هن ئي ماٿري مان ٿي. حساب ڪتاب رکڻ جي فن □ مهارت سبب ئي هن ماٿري جي ماڻهن باقي دنيا سان واپار ڪيو. واپار لاءِ ضروري هوندو آهي ته حساب ڪتاب رکيو وڃي، شين جي ڳڻپ ڪئي وڃي. انگن اکرن سان ليکو چوکو ڪيو وڃي، ان ڪري اصل □ برهم گپت پنهنجن ابن ڏاڏن جي ڳڻپ واري ايجاد ڪي وڌيڪ تجربا ڪري سگهار ڪيو □ رياضي جي علم کي وسعت ڏني.

## حوالا □ سمجهاڻيون


(1) Michael Hamilton Morgan: Lost History The Enduring Legacy Muslim, National Geographic Washington, 2008

(2) Pickover, Clifford (2008). Archimedes to Hawking: Laws of Science and the Great Minds Behind Them. Oxford

University Press. p. 105. ISBN 978-0-19-979268-9.

(3) Bradley, Michael. The Birth of Mathematics: Ancient Times to 1300, p. 86 (Infobase Publishing 2006)

(4) Bradley, Michael. The Birth of Mathematics: Ancient Times to 1300, p. 86 (Infobase Publishing 2006)

(5) Mackenzie, Dana. The Universe in Zero Words: The Story of Mathematics as Told through Equations, p. 61 (Princeton University Press, 2012).

Graersen, “Linguistic Survey of (6) India” Vol: 1, Part 1, P-35-132

(7) Talpur, Parveen, Evidence of Geometry in Indus Valley Civilization 2500-1500 B.C. Sindhology Department, University of Sindh, Jamshoro. 1995

(8) لئمبرڪ، ايڇ. ٽي ”سنڌ هڪ عام جائزو“ ص-103-102

(9) پنهور، ايم ايڇ، ”سنڌ جي تاريخ.... تحقيق ۽ اشاعت“ ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1984-2، ص-164

(10) Dr Bryan Wells, “Indus Valley’s Bronze Age Civilization ‘had first sophisticated financial exchange system”, http://www.telegraph.co.uk/news/worldnews/asia/india/6584160/Indus-Valleys-Bronze-Age-civilisation-had-first-sophisticated-financial-exchange-system.html

# موهن جو دڙو دريافت ڪندڙ ڪان انگريزن ڪيئن انتقام ورتو؟

رک سنڌي

برصغير تي قابض انگريز حڪمرانن هڪ ڏيهي آرڪيالاجسٽ راکلداس بينرجي کي 1918ع ۾ سنڌو ماٿري تي يوناني حملي آور سڪندر اعظم جا اهي ٿل تلاش ڪرڻ لاءِ پنجاب ۾ سنڌ موڪليو، جيڪي يوناني حملي آور هن ديس تي 326 ق م ۾ پنهنجي ڪاهه دوران تعمير ڪرايا هئا. راکلداس بئنرجي پارت جي پرڳڻي بنگال جو هڪ مشهور تاريخدان، آرڪيالاجي ۾ قديم لکتن بابت ماهر هيو. پاڻ 12 اپريل 1885ع ۾ مرشد آباد ضلعي جي شهر برهمپرا ۾ جنم ورتو. هن ڪلڪتا يونيورسٽي مان 1911ع ۾ تاريخ ۾ ايم اي جي ڊگري حاصل ڪئي. پهريان بئنرجي کي ڪلڪتا ميوزم جي آرڪيالاجي سيڪشن ۾ اسسٽنٽ مقرر ڪيو ويو. جنهن بعد کيس آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جو اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪيو ويو. سندس آرڪيالاجي جي شعبي ۾ ڪم ۾ ڪارڪردگي کي نظر ۾ رکندي 1917ع ۾ ترقي ڏئي آرڪيالاجي سرڪل اولهه جو سپرنٽينڊنگ آرڪيالاجسٽ مقرر ڪيو ويو. (1)

ان وقت سر جان مارشل آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جو ڊائريڪٽر جنرل رهيو. پاڻ ان عهدي تي 1902ع کان 1928ع تائين ڪم ڪندو رهيو. جڏهن ته بنگالي آرڪيالاجسٽ آر ڊي بئنرجي سندس ماتحت آفيسر هو. آر ڊي بئنرجي کي پنهنجي باس سر جان مارشل 1918ع ۾ پنجاب ۾ سنڌ ۾ سڪندر اعظم جا جوڙايل ٿل ڳولڻ جي ذميواري ڏني. انڊيا جي قديم آثارن جي هن ماهر 1918ع کان ڏکڻ پنجاب، بيڪانير، بهاولپور ۾ سنڌ ۾ سڪندر اعظم جا اهي 11 ٿل ڳولڻ لاءِ مختلف هنڌن جي جاچ ۾ کوٽائي ڪرائي. جيڪي سڪندر اعظم عيسوي سن کان سوا ٽي سو ورهيه اڳ

پنهنجي ڪاهه دوران ٺهرايا هئا ۽ متن يوناني ۽ هندي زبانن ۾ نوشتا اُڪرايا هئا. (2)۔ بئنرجي 1918ع کان 1922ع تائين وڏي جدوجهد بعد سنڌ ۾ ڪيرٿر کان سنڌونديءَ تائين جيڪب آباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ 27 وڏن ۽ 53 ننڍن دڙن کي ڳولي، انهن جي کوٽائي ڪرائي، پر اتفاق سان اهي سڀ ٻڌ دور جا يادگار نڪتا. هن ماهر ان ئي مقصد خاطر لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪري شهر کان 6 ميل پري هڪ ٿل جي چوڪ ۾ چڪاس ڪرائي، جيڪو ٻڌ دور جو هڪ اسٽوپا نڪتو.

جڏهن بئنرجي ٻڌ دور جي اسٽوپا پرسان ڪجهه وڌيڪ گهرائي ۾ کوٽائي ڪرائي ته ڪيس اتان پٿر جا ڪپ ۽ ٺڪر جي ٿانون جو اهڙو ٺيڪراٺ هٿ آيس، جن جو ٻڌ دور سان ڪو به واسطو نه هيو. پر اهي ڪنهن هزارين سال پراڻي دور جي ڪنهن نرالي تهذيب جي نشاندهي ڪن پيا. جڏهن بئنرجي اسٽوپا پرسان کوٽائي ڪرائي ته اتان هن کي هڪ اهڙي مهر ملي، جيڪا شڪل ۽ صورت ۾ هڙاپا مان مليل هڪ تصويري رسم الخط واري مهر سان هڪ جهڙائي ڏيکاري پئي. جيڪا سر الگزينڊر ڪنگهم کي هڙاپا جي کوٽائي مان ملي هئي. ان مان بئنرجي اندازو لڳايو ته هتان اچا ڪنهن قديم تهذيب تي روشني پوندي. جيڪا هڙاپا وانگر 5 هزار سال کان پراڻي هوندي. چو جو هتان ملندڙ ڪجهه اوزار ۽ ٺڪر جا ٿانون هڙاپا مان انهن ئي ڏينهن ۾ ٿيندڙ کوٽائي مان ملي رهيا هئا. (3)۔ (4) جيڪو هند ان وقت برصغير ۾ سڀ کان پراڻو ۽ قديم شمار ڪيو ويندو هو. آر ڊي بئنرجي سنڌو ماٿري جي 5 هزار سال آڳاٽي ماڳ بابت اهڙو اطلاع شملا ۾ ويٺل پنهنجي باس سر جان مارشل

کي ڏنــو، جيکـــو ان وقت بـــرٽش گـــورنمينٽ جي آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جو ڊائريڪـٽر جـنرل هيو. پر سر جان مارشل انتهـا درجي جي بـدديانتي جو مظاهرو ڪنـدي آر ڊي بئـنرجي جي مـوهن جي دڙي جي هن عظيم دريـــافت بـــابت اهـــا رپـــورٽ سرڪاري طور شايع نه ڪـرائي، پـر ان کي روڪي ڇـــڏيو. بئـــنرجي مـــوهن جي دڙي جي مـــاڳ تي 1918ع کـان 1922ع تـائين کوٽـائي جـاري رکي  هن کوٽـائي جي 5 سـيزنن جي سـربراهي ڪـئي. بئـنرجي باقاعـدي انهن کوٽـاين دوران مليـل نـتيجن بابت رپورٽون لکندو رهيو  اهي سر جـان مارشـل کي موڪلينـدو رهيـو. پـر سـندس هڪ بـه رپـورٽ شـايع نــه ڪـئي وئي. هن آخــر  پنهنجي تفصـيلي فائينل رپورٽ 1924ع  لکي هيڊ ڪــوارٽر  ويٺـل ڊائريڪٽر جنرل سر جان مارشـل کي مـوڪلي، پـر افسوس ته سندس اها رپـورٽ بـه شـايع نـه ڪـئي وئي، بيو ته نهيو پر هيڊ ڪوراٽر طرفـان ان رپـورٽ ملڻ بابت ڪيس لکت  به ڪا رسيد نه ڏني وئي.

مشــرا پنهنجي ڪتــاب  لکي ٿــو تــه آر ڊي بئنرجي طرفان سر جان مارشل بابت بنگالي اديب ( پـــولي مـــاهر ســـنيت ڪمـــار چئـــٽرجي (Sunitikumarchatterjee) کي خـــــــــط لکي شڪايت ڪئي وئي. بئنرجي پنهنجي خط  چئٽرجي کي لکيو ته، "هو (يعني بـرٽش سـرڪار) مـون کي موهن جي دڙي بابت ڪابه رپورٽ شايع ڪــرڻ جي اجازت نه ٿـا ڏين. پـر توهـان ان بـابت ڪجهـه لکي سگهو ٿـا. مـان مـوهن جي دڙي جي کوٽـائي بـابت پنهنجــو سـڄو مــواد تصــويرن سـميت توهــان کي موڪليان ٿو. توهان ان بابت لکـو، جـيئن اهـو مـواد ايندڙ نسل لاءِ محفوظ ٿي سگهي." (5)

راکلـداس بئـنرجي جي ان خـط مـان انـدازو لڳـائي سـگهجي ٿـو تـه انگريـز عملـدار سـر جـان مارشل سنڌو ماٿري جي عظيم تهذيب جي دريافت تي ڪيترو نه صدمي ۾ هيو. انگريز عملدار 1918ع کان 1924ع تائين هن تهذيب کي دنيـا کـان لڪـائي رکيو، ان بابت ڪابه رپورٽ يا خبر شـايع نـه ڪـئي. ان سـان گـڏ سـر جـان مارشـل هي عظيم تهـذيب دريافت ڪندڙ مقامي مـاهر جـون نـه فقـط مـوهن جي دڙي بابت رپورٽون منظر عـام تي نـه آنـديون، پر بئنرجي کي انتقام جو به نشانو بڻايو.

راکلداس بئنرجي کي ان وقت سخت صـدمو رسـيو، جـڏهن 1924ع ۾ لنـڊن مـان نڪرنـدڙ هڪ اخبار السٽريٽيڊ لنڊن نيـوز (Illustrated London News) ۾ مـــوهن جي دڙي جي دريـــافت بـــابت سندس باس سر جان مارشل جي نـالي سـان هڪ رپورٽ شايع ٿي. جنهن ۾ سنڌو تهذيب جي دريافت جو سڄو ڪريڊٽ سر جان مارشل پنهنجي سـر تي سجايو. (6) راکلداس بئنرجي کي هن عظيم تهذيب جي دريافت جو سلو ته نه مليو، پر سندس لاءِ ڏکيا ڏينهن شروع ٿي ويا. ڪيس قابض انگريز حڪمـرانن طرفان انتقام جو نشانو بڻائڻ جي شـروعات ڪـئي وئي.

هڪ طــرف ســر جــان مارشــل 1924ع ۾ موهن جي دڙي جي دريـافت بـابت رپـورٽ پنهنجي نالي سان شـايع ڪـرائي تـه ٻـئي طـرف راکلـداس بئنرجي کي موهن جي دڙي جي کوٽائي واري عمل کان الڳ ڪري ڇڏيو. (7)، (8) آرڪيلاجيڪل سروي آف انـڊيا جي دائريڪـٽر جـنرل سـر جـان مارشـل سنڌو تهذيب جي هن اهم مـاڳ کي دريـافت ڪنـدڙ راکلداس کي ڪو انعام يا مٿين عهدي تي ترقي تــه نـه ڏني پـر ڪيس ٽرانسـفر آرڊر مـوڪلي ڏنـو ويـو.

انگريز عملدار جو انتقام فقط اتي پورو نه ٿيـو. پـر آڪٽوبر 1925ع  راڪلداس بئـنرجي جي گرفتـاري جـا وارنٽ جـاري ڪيـا ويـا. مٿس جبـل پـور جي چوسٺ يوگني مندر مـان مـورتي هٽـائڻ جـو الـزام هنيو ويو. اهڙي ڪيس داخل ٿيڻ ڪـان پـوءِ بئـنرجي کي پنهنجي عهدي تان معطل ڪيو ويو. جڏهن ته 3 سالن بعد الـزام ڪـوڙو ثـابت ٿيڻ تي ڪيس خـارج ڪيو ويو. بئي طرف بئـنرجي خلاف محڪمـه جـاتي انڪواري  به ڪو ثبـوت نـه مليـو. ان جي بـاوجود سر جان مارشل راڪلداس بئـنرجي کـان زبردسـتي اسـتعيفا حاصـل ڪـري ورتي. اهـڙي طـرح سـنڌو تهذيب جي دريافت ڪندڙ هن عظيم آرڪيالاجســٽ کي 1926ع  آرڪيالاجيڪل سروي آف انـڊيا کـان زبردستي الڳ ڪيو ويو. (9)، (10) ان ئي صدمي  راڪلداس بئنرجي 4 سالن بعـد 23 مـئي 1930ع  وفات ڪري ويو.

راڪلـداس بئـنرجي جي وفـات کـان پـوءِ سـر جــــان مارشــــل 1931ع  مــــوهن جي دڙي جي دريـافت بـابت پنهنجي نـالي سـان 3 جلـدن  هڪ ڪتاب شايع ڪرايو. ان ڪتاب جي نسبت سـان ئي سڄي دنيا طرفان سر جان مارشل کي مـوهن جي دڙي کي دريافت ڪندڙ پهريون ماهر قرار ڏنو ويــو. جڏهن ته هن عظيم تهذيب کي ڳولي دنيا آڏو نروار ڪنــدڙ ڏيهي مــاهر راڪلــداس کــان اهــو ڪريــڊٽ زبردستي کسيو ويو. سر جـان مارشـل مـوهن جي دڙي تي پنهنجي ٽن جلدن واري ڪتاب  راڪلداس بئنرجي جو فقط ٻن سٽن  ذڪر ڪري پنهنجي پــر  وڏي دل  گردي جو مظاهرو ڪري ڏيکاريو.

سر جان مارشل پنهنجي ڪتـاب ”مـوهن جـو دڙو  انـڊس سولائيزيشـن“ جي مهـاڳ  بئـنرجي

بابت پڻ پين آرڪيالاجسٽن سان گڏ ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

"Three other scholars whose names I cannot pass over in silence, are the late Mr. R. D. Banerji, to whom belongs the credit of having discovered, if not Mohenjo-daro itself, at any rate its high antiquity, and his immediate successors in the task of excavation, Messrs. M.S. Vats and K.N. Dikshit. ... no one probably except myself can fully appreciate the difficulties and hardships which they had to face in the three first seasons at Mohenjo-daro." (11)

اصل ۾ سر جان مارشل مئي 1924ع تائين موهن جي دڙي بابت ڪا گهٽي ڇاڻ نه رکندو هو. نه وري هن ان بابت راکلداس بئنرجي جون رپورٽون شايع ڪري ڪيس ڪريڊٽ ڏيڻ پئي چاهيو. سر جان مارشل پهريون پيرو فيبروري 1925 ۾ موهن جي دڙي جو دورو ڪيو. هن موهن جي دڙي جي کوٽائي جي سڌي سئنين چارج به ان ئي سال ۾ ورتي. جڏهن ته ان کان اڳ بئنرجي هن اهم ماڳ جي کوٽائي مڪمل ڪري چڪو هو.

حوالا ۾ سمجهاڻيون:

(1) "Scientist of the Day - R. D. Banerji". 12 April 2017. Archived from the original on 20 October 2020.
(2) Tripathi, Rama Shankar (1999). History of Ancient India. Motilal Banarsidass Publ. ISBN 978-81-208-0018-2. Retrieved 5 September 2020.
(3) Humes, Cynthia Ann (2012). "Hindutva, Mythistory, ; Pseudoarchaeology". Numen: International Review for the History of Religions. 59 (2–3): 178–201.
(4) Bhattacharya, Asok K. (1999). Rakhaldas Bandyopadhyay, Delhi: Sahitya Akademi.
(5) Mishra, P.K. (2019). Rakhal Das Banerji: The Forgotten Archaeologist. New Delhi: National Book Trust.
(6) "The First Images of the Announcement: The Illustrated London News | Harappa". www.harappa.com. Retrieved 5 April 2022.

(7) "Banerji robbed of credit for Indus findings". The Times of India. 12 June 2017.
(8) https://web.archive.org/web/20201020133957/https://www.lindahall.org/r-d-banerji/
(9) Mishra, P.K. (2019). Rakhal Das Banerji: The Forgotten Archaeologist. New Delhi: National Book Trust.
(10) Banerji, R.D. Mohenjo Daro: A Forgotten Report, https://ancientindians.org/mohenjo-daro-a-forgotten-report-by-rd-banerji/
(11) Mohenjo-daro and the Indus civilization: Being an official account of archæological excavations at Mohenjo-daro carried out by the government of India between the years 1922 and 1927 . London, 1931. (Volume I: Text, Chapters I—XIX and Plates I—XIV ; Volume II: Text, Chapters XX — XXXII, Appendices and Index ; Volume III: Plates XV—CLXIV)

# سنڌو ماٿري جي تهذيب جي ارتقا ۾ درياهه جو ڪردار

رک سنڌي

مان پنهنجي ڳالهه پروفيسر ماٽڪ پٿاوالا جي ان لکت سان شروع ڪندس ته "سنڌ کي رونقدار ۽ پريو پاڇيو بنائڻ ۾ سنڌو درياهه جو وڏو هٿ آهي. سنڌو درياهه اسان جي سنڌ جي جنم کان اڳ ئي موجود هو. جيئن ٻار ڄمڻ کان اڳ ماءُ جي ٿڃن ۾ ٿڃ اچي ٿي، تيئن سنڌ کي تاتي نپائي وڏو ڪرڻ لاءِ سنڌو درياهه اڳئي هتي حاضر هيو.

سنڌ ڌرتي جو وجود اڄ کان اٽڪل 100 ڪروڙ سال اڳ ٽيٿس سمنڊ جي اندران ميداني علائقي ۾ پهاڙي سلسلي اڀرڻ جي ڪري ٿيو. ٻه ادائي لک سال اڳ سمنڊ هٽي وڃي موجوده ڪراچي واري سطح وٽ بيٺو ۽ سنڌوءَ جي ميدان مان سنڌوندي وهڻ شروع ٿي.

سنڌوءَ جي ميدان کي تشڪيل ڏيڻ ۾ وڏو هٿ سنڌو نديءَ جو آهي. جيڪا سندس وچ مان سينڌ وانگر وهي ٿي. ارضياتي ماهرن جو چوڻ آهي ته جنهن وقت سڄي سنڌو ماٿر سمنڊ جي پيٽ ۾ هئي، ان وقت به ان جي وچ مان سنڌو ندي وهندي هئي ۾ جيئن جيئن سمنڊ سنڌوءَ جو ميدان ڇڏڻ شروع ڪيو ته سنڌو نديءَ ان کي سئنين سڌي ميدان جي شڪل ڏيڻ شروع ڪئي ۾ سنڌوءَ جي لوڙهي آندل لٿ سان زمين مٿان سمنڊ جو ڇڏيل تاثير ختم ٿيندو رهيو ۾ سنڌوءَ جا ميدان هڪ زرخيز چيڪي اُپت واري مٽيءَ سان مالامال بنجڻ لڳا. لئمبرڪ چوي ٿو ته، ”سنڌو ندي جي لوڙهي آندل لٿ، جنهن کي گرمي، پاڻي ۾ ساوڪ جي تاثير سڌاري سنواري هڪ سئنين سڌي ميدان جي شڪل ۾ ماٿري جي ڇيڙن تائين پٿاري ڇڏيو.“

هن ديس کي ”سنڌ“ نالو هتان جي آڳاٽن رهاڪن سنڌو نديءَ تان ڏنو. جنهن جي معنيٰ آهي سمنڊ يا وڏي درياهه وارو ملڪ. يا اهو وهڪرو جيڪي سدائين پيو وهي. جيئن ته خود سنڌ ڌرتي سمنڊ مان جنم ورتو ۾ هن ندي هتان جي ٻرپٽن کي سرسبز ۾ شاد آباد ڪيو ۾ هتان جي رهواسين جي تمدني تشڪيل ڪئي. ان ڪري هتان جي آڳاٽن رهاڪن، هن ديس جو وڏي درياهه جي نسبت سان نالو ئي سنڌ رکيو. جيڪو اڄ کان ڏهاڪو هزار ورهيه پراڻو آهي. پوءِ اهو نالو سنڌ ايراني واپارين ”سنڌ“ مان ڦيرائي ”هند“ ڪيو. جنهن مان هاڻوڪو

هندستان ٿيو آهي ... تنهن کان پوءِ رومي واپارين ان کي وڏيڪ ڦيرائي ”انڊ“ ڪيو. جنهن مان هاڻوڪو انڊيا بڻيو آهي. تنهن ڪري ڏسبو ته سڄي ملڪ ”هندستان“ کي نالو ئي سنڌو نديءَ ۽ سنڌ مان مليو آهي“

انساني تهذيب جي شروعات درياهن جي ڪنارن تي ٿي. قديم دور جي ماڻهن پنهنجا جهوپا ان ئي هنڌ جوڙيا، جتي کين پاڻي سهنجائي سان ملي ٿي سگهيو. ڇو جو اوائل ۾ اجا اهڙا اوزار جڙي ڪين سگهيا هئا. جن جي مدد سان کوهه کوٽي يا درياهن مان واهه ڪڍي پاڻي جو پورائو ڪري سگهجي. ان ڪري رهائشي ڳوٺ يا شهر ٻڌڻ جا مناسب هنڌ درياهن ۽ ڍنڍن جا ڪنارا ئي هئا. درياهي ڪنارن پرسان رهڻ ڪري پاڻي ۽ خوراڪ جو مسئلو حل ٿي سگهيو ٿي. نه صرف اتي ٻنيون ڪيڙي، ريج ڪري، زراعت کي ترقي وٺائي سگهجي پئي، پر ڳڏوگڏ جانورن جو چارو ۽ ٻيا هنر ۽ ڪاريگريون پڻ اتي زور وٺي سگهن پيون. يعني وائل ۾ تهذيب جو ٻوٽو درياهن جي ڪنارن تي ئي وڌي وڻ ٿيو. دنيا اندر ٽي وڏي ۽ وڏا درياهه سنڌو، دجله ۽ فرات آهن، جن جي ڪناري تي تمدني زندگي جي شروعات ٿي ۽ زراعت زور ورتو.

قديم دور ۾ سنڌو ماتري ۽ بن شين جي پوڄا ٿيندي هئي. جنهن ۾ هڪ ڌرتي، ٻيو درياهه. اوائلي انسانن زمين جي پيٽ مان سرسبز سلا اپرندي ڏٺا ۽ مختلف اناج، ٻوٽا ۽ ميووا زمين جي پئدائش هئڻ

ڪري، هنن ڌرتيءَ کي انسان جي بهتر زندگي جو ضامن ڄاڻندي، ان جي پوڄا ڪرڻ لڳا، ۽ ان کي ماءُ ڪوٺڻ لڳا. ڇو جو عورت (ماءُ) ۽ ڌرتي ٻئي تخليق ڪندڙ شيون هيون.

قديم سنڌي، سنڌو نديءَ جي ميرانجهڙي پاڻي مان پنهنجي زندگي جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لڳا. هنن سنڌوءَ جي ئي پاڻي تي فصل پوکيا ۽ گڏوگڏ هنن جي صنعت ۽ حرفت جو دارو مدار ئي سنڌوَ جي پاڻيءَ تي هيو. ان ڪري هو سنڌو ندي جي اهميت ڄاڻندي، ان کي عزت جي نگاه سان ڏسڻ لڳا ۽ هن جي پاڻيءَ کي پاڪ ۽ پوتر ڄاڻندي ان کي پوڄڻ لڳا.

سنڌو تهذيب جا اهم ماڳ سنڌو درياهه جي ڪناري تان مليا آهن. جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته هن ترقي يافته تهذيب جو بنياد ۽ سرچشمو سنڌو درياهه هو ۽ اڄ به آهي.

سنڌو تهذيب جي ٻين ماڳن سميت ٻه اهم ماڳ موهن جو دڙو ۽ آمري سنڌو ندي جي ڪناري تي موجود آهن. چانهون جو دڙو سنڌو سڀيتا جي ٻين شهرن وانگر ان وقت سنڌو درياهه جي اڀرندي شاخ کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي هو. هڙاپا سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جو هي اهم مرڪز ۽ صوبائي گادي وارو هنڌ موجوده صوبي پنجاب جي ضلعي ساهيوال ۾ اڄ واري هڙاپا ڳوٺ جي پرسان راوي ندي جي ڪپ تي آهي. ان ڪري جيڪڏهن

درياهن جا رخ تبديل ڪيا ويا يا وري انهن آڏو بند ٻڌا ويا ته نه فقط هي سموري تهـذيب فنـا ٿي وينـدي، پر اصل ۾ هن ماٿري ۾ رهندڙ انسانن جو وجـود ئي خطري ۾ اچي ويندو. ان ڪري سنڌو درياهه جيڪـو ڪشمير کان ڪيٽي بندر تائين هن خطي جي تـرقي ۽ خوشـحالي جـو ضـامن آهي، ان سـان ڪنهن بـه قسم جي ڇيڙڇاڙ نـه فقـط موجـوده سـنڌ پـر هن سڄي خطي جي تباهي جو سبب بڻبو.

# سنڌ جي تاريخ کي جديد سائنسي انداز سان پيش ڪندڙ محقق پروفيسر غلام محمد لاکو

رک سنڌي

ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز جي ٽيم جي وڏي مهرباني، جنهن سنڌ جي انتهائي معتبر تاريخدان ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي ياد ۾ هي تعزيتي ميڙاڪو منعقد ڪيو آهي. لاکو صاحب سنڌ جي انهن چند تاريخدانن مان هڪ آهي، جنهن هن ديس جي تاريخ نسلي تعصب کان مٿانهون ٿي لکي. هن جو تاريخ لکڻ وقت جديد سائنسي نقطي نظر هيو. هو سائنسي بنيادن تي واقعن جي ڇنڊڇاڻ جو قائل هيو. ڪابه ڳالهه بنا ثبوت جي لکڻ جي خلاف هيو. نه ته هن کان اڳ جيڪا تاريخ لکي وئي، اها يا ته بادشاهن ۽ حڪمرانن جي ثناخواني تي ٻڌل قصا ۽ ڪهاڻيون هئي يا وري ڏارين حڪمرانن جي جيي دلال ۽ درٻاري تاريخدانن جا لکيل روزنامچا هيا. جن ۾ ظالم، ڌورو ۽ عوام دشمن حاڪمن کي ديندار، عادل ۽ انصاف پسند قرار ڏيڻ لاءِ نهن چوٽي جو زور لڳايو ويو. جڏهن ته پنهنجي ديس جي حفاظت لاءِ ويڙهه ڪندڙ مسڪين ماڻهن کي ڌورو، ڏاڙيل ۽ شورش پسند

قرار ڏنو ويو. ڪين واجب القتل قرار ڏنو ويو. موت بعد سندن لاءِ “جهنم واصل” جا لفظ ڪتب آندا ويا.

اسان جي ملڪ ۾ اڃان سوڌو تاريخ ڏانهن سنجيدگي سان ويچار ئي نه ڪيو ويو آهي. هتي تاريخ کي صرف سياسي تبديلين جو نالو ڏنو ويو آهي. تاريخ کي صرف بادشاهن، اميرن ۽ مذهبي رهنمائن جي ڪارنامن، سندن جنگين، قصن ۽ ڪهاڻين تائين محدود رکيو ويو آهي. جڏهن ته تاريخ جو اهو تصور صحيح نه آهي. تاريخ هڪ سائنس آهي، تاريخ ڪنهن قوم جي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي اوسر جو نالو آهي.  سنڌ ۾ تاريخ کي سائنسي انداز ۾ پيش ڪندڙن ۾ ايم ايڇ پنهور، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر غلام محمد لاکو سر فهرست رهيا آهن. سنڌ ۾ هن وقت تائين جيڪي تاريخون لکيون ويون آهن. جهڙوڪ چچ نامون، تحفته الڪرام، تاريخ معصومي، تاريخ شاهجهاني وغيره اهي تاريخ جي اصل تصور جو پورائو نه ٿيون ڪري سگهن. اهي صرف تاريخ لکڻ لاءِ مددي مواد (Source Material) جو ڪم ڏئي سگهن ٿيون.

جيتوڻيڪ پروفيسر غلام محمد لاکي جا سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان ڪيئي ڪتاب لکيل ڪيل آهن. پر سندن هِه ڪتاب تحقيق جي عالمي اصولن جو پورائو ڪن ٿا. جن ۾ سنڌ جي تاريخ کي جديد سائنسي نقطي نظر موجب لکيو آهي. مڪمل جاچ

جوچ بعد ريفرنس سان يعني ثبوتن سان صحيح ۾ سربستي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. اهي ڪتاب آهن: سمن جي سلطنت ۽ ٻيو ڪلهوڙا دور حڪومت. انهن ٻنهي ڪتابن مان سمن جي سلطنت سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنڌ جي تاريخ لکائڻ واري پراجيڪٽ جو حصو هئي. تاريخ بابت ان پراجيڪٽ جا اڄ سوڌو لکيل سڀ ڪتاب منهنجي نظر مان گذريا آهن. پر انهن مان فقط پروفيسر غلام محمد لاکي جو ڪتاب سنڌ جي تاريخ بابت هڪ مستند دستاويز جي حيثيت رکي ٿو.  جڏهن ته "ڪلهوڙا دور حڪومت" ڪتاب لاکي صاحب جي پي ايڇ ڊي ٿيسز لاءِ پيش ڪيل مقالو آهي. جنهن کي بعد ۾ پاڻ وڌيڪ سنواري ۽ نئين مليل مواد جي بنياد تي اپ ڊيٽ ڪري ٻيهر شايع ڪرايو. سنڌ جي تاريخ جي ٻنهي دورن تي هي ڪتاب تحقيق جي عالمي معيار تي پورو لهن ٿا.

منهنجي ساٽس دوستي ۾ واسطن جو بنياد سنڌ جي تاريخ تي تحقيق هئي. اسان ٻنهي جو واسطو هڪ ضلعي سان هيو.  پنهنجون ملاقاتون دولتپور صفن ۾ ٿينديون هيون. ڪافي بحث مباحثو ٿيندو هو. خيالن ۾ هڪجهڙائي هجڻ سبب اها دوستي سندس ساهه جون آخري هڏڪيون ڪٽڻ تائين جاري رهي. لاکو صاحب تاريخ بابت تمام گهڻو مطالعو ڪندو هو. جڏهن به سنڌ جي تاريخ تي منهنجو ڪو ڪتاب شايع ٿيندو هو، ته پاڻ ضرور خريد ڪري نه فقط پڙهندو هو، پر ان بابت فون ڪري ڳالهه

ٻولهه به ڪندو هو. گذريل سال منهنجا سنڌو ماٿري جي تهذيب تي ٿي ڪتاب شايع ٿيا ته پاڻ حيدرآباد مان موهن مدهوش جي بوڪ اسٽال تان اهي خريد ڪري مون سان فون تي ڪچهري ڪئي. هن ڪافي عرصو رابطو ٽٽي وڃڻ ڪري منهنجو فون نمبر به موهن مدهوش کان هٿ ڪيو. پروفيسر لاڪو نه ته نسل پرست هيو، نه وري دقيانوسي (پراڻ پسند) خيالن جو هو. پاڻ سنڌ جي تاريخ کي جديد نقطي نظر سان تعصب کان پاڪ ڪري پيش ڪرڻ جو حامي هيو. لاڪو صاحب ان ڳالهه جو قائل هيو ته اسان کي سنڌ جي جديد تاريخ لکڻ وقت فرضي قصن □ ڪهاڻين کي رد ڪري سائنسي سوچ کي اپنائڻو پوندو. تحقيق ڪرڻ وقت هر هڪ واقعي جي سائنسي مادي بنيادن تي ڇنڊڇاڻ ڪرڻي پوندي. هر هڪ دور جي حالتن جو تجزيو نهايت ايمانداريءَ سان ڪرڻو پوندو. هر قسم جي سماجي اٿل پٿل جي سببن کي پيش ڪرڻو پوندو. تاريخ کي قصي يا ڳالهه يا اخبار جي خبر بنائڻ بدران ان کي سائنسي عقلي دليلن جي روشني □ پيش ڪرڻو پوندو.

اهو ئي نظريو پنهنجي ويجهڙائپ جاري رهڻ جو سبب هيو. هو موڪلائي ويو. سندس تحقيقي پورهيو ايندڙ نسل لاءِ سونهون ٿي رهندو.

# سنڌ ۽ بلوچستان ۽ تاريخي لاڳاپا

رک سنڌي

اوهان دوستن، ساٿين، پائرن ۽ پينرن جو آئون بي انتها ٿورائتو آهيان، جن منهنجي سنڌ جي تاريخ بابت هن چينل ۾ انتهائي گهڻي دلچسپي ورتي آهي. پر ڪجهه دوستن تازو اپ لوڊ ٿيل وڊيوز تي ڪافي رنج ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي. آئون اڄ انهن دوستن سان مخاطب آهيان، جن سنڌ ۽ بلوچستان بابت لاڳاپن متعلق منهنجي وڊيوز تي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو آهي. مان انهن اڳيان واضح ڪندو هلان ته بلوچستان بابت وڊيوز جو هي سلسلو منهنجي هڪ تحقيقي ڪتاب “بلوچستان، سنڌين جو تاريخي وطن” جي مواد تي مشتمل آهي. هي ڪتاب سنڌ ۽ بلوچستان جي تاريخ جي مختلف دورن ۾ لاڳاپن بابت هڪ تحقيقي دستاويز آهي، ان جو مقصد ڪنهن به ٻولي ڳالهائيندڙ گروهه، قوم، قبيلي، برادري يا ذات کي ڪنهن به طرح گهٽ ڏيکارڻ يا سندن تاريخ کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ناهي. دنيا جي ڪنهن به خطي، ملڪ يا قوم جي تاريخ تي

تحقيق ڪرڻ ان قوم خلاف ڪنهن به قسم جي سازش نه هوندي آهي، نه وري ان سان دشمني هوندي آهي. دنيا اندر يونيورسٽين ۾ تاريخ، اينٿروپلاجي، آرڪيلاجي جا شعبا ان لاءِ ئي هوندا آهن ته قديم دور بابت کوجنا ڪري حقيقتون نروار ڪيون وڃن. تاريخ تي تحقيق جيڪڏهن ڪنهن به قوم سان دشمني هجي ها ته دنيا اندر تحقيق ۽ کوجنا جا شعبا ۾ در بند ڪيا وڃن ها. ان ڪري منهنجي هن ڪتاب ۾ ٿيل تحقيق کي به ڪنهن جي خلاف سمجهڻ يا ان سان دشمني قرار ڏيڻ نه گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن به ڳالهه سان اختلاف موجود آهي ته ان کي دليلن سان رد ڪرڻ گهرجي. بلوچ ۽ سنڌي هن ملڪ ۾ هڪ سازش هيٺ ٻئي درجا جا شهري بڻايا ويا آهن. هي ٻئي قومون ملڪ جي وجود کان وٺي انتهائي نظرانداز ٿيل، ڏاڍ، ڏهڪا ۽ جبر جو نشانو بڻيل آهن. ان ڪري سندن وچ ۾ اتحاد فطري ڳالهه آهي. جيڪڏهن هن ڪتاب ۾ بلوچستان کي سنڌين جو تاريخي وطن قرار ڏنو ويو آهي ته ساڳي طرح سنڌ بلوچن جو به تاريخي وطن آهي. هنن ٻنهي قومن جو جيئڻ ۽ مرڻ هڪ ٻئي سان گڏ رهيو آهي. سنڌ ۾ تاريخ جي مختلف دورن ۾ جيڪي بلوچ برادريون آباد ٿيون آهن، سي سنڌي قوم جو اڻٽٽ حصو بڻجي چڪيون آهن. انهن کي سنڌ کي نه ته ڪو ڌار ڪري سگهي ٿو، نه وري هو پاڻ کي سنڌ کان ڌار سمجهن ٿيون. نه رڳو بلوچ برادريون، پر مختلف وقتن تي آيل ٻيون برادريون جن ۾ عرب

ملڪن ڪان آيل سيد، افغانستان ڪان آيل پٺاڻ
برادريون اڄ سنڌي قوم جو جسم ۽ جان بڻجي
چڪيون آهن. پلا ڪو آغا سليم ۽ در محمد پٺاڻ کي
سنڌي قوم ڪان ڌار سمجهي سگهي ٿو. اهڙي
طرح سرائڪي علائقن ۽ پنجاب ڪان آيل برادريون
اڄ سنڌي قوم جي مٿي جو موڙ بڻجي چڪيون
آهن. ساڳي طرح جڏهن به سنڌ تي ڪو ڏکيو
وقت آيو آهي ته ان جي پهربن مورچي تي بلوچ
بيٺل نظر آيا آهن، اهڙي طرح جڏهن به بلوچستان
کي ڪا تڪليف پهتي آهي ته ان جو درد سنڌ
محسوس ڪيو آهي. شهيد اڪبر بگٽي جي شهادت
تي سنڌ تاريخي سوڳ ملهايو هو. اڄ به سنڌي
ماڻهو شير محمد مري (جنرل شيروف) کي پنهنجو
هيرو تصور ڪندا آهن، اڄ به سنڌ جا ڳوٺ،
وسنديون ۽ شهر بلوچن جا پناهه گاهه آهن. سنڌ
جا هيرا ڪنهن هڪ نسل يا قبيلي ۽ گروهه تائين
محدود نه رهيا آهن، پر جتي دودو سومرو، دولهه
دريا خان، هوشو شيدي، هيمون ڪالاڻي، سائين
جي ايم سيد، رسول بخش پليجو، شهيد بشير خان
قريشي سنڌين جا هيرو رهيا آهن، اتي ڪامريڊ
حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ غلام محمد لغاري،
شهيد بختاور لاشارڻ، شهيد ميرو خان نظاماڻي، آغا
سليم جي عظمتن، همت ۽ حوصلي آڏو سنڌ جي
ماڻهن پنهنجو ڪنڌ نوايو آهي. ته پوءِ ايئن ڪيئن ٿي
سگهي ٿو ته سنڌ جي ڪنهن عام شهري، ڳوٺاڻي،
ماءُ، ڀيڻ، سياستدان، سماجي اڳواڻ، اديب، ليکڪ
۽ تاريخدان جي دل ۽ پنهنجي بلوچ ڀائرن ۽ ڀينرن

لاءِ ڪنهن به قسم جي ناراضگي ٿي سگهي ٿي.
بلوچن ۽ سنڌين جو ته مرڻ جيئڻ به هڪ ٻئي سان
آهي اسان جي ته گهرن جون پٽيون به هڪ ٻئي
سان مليل آهن، ويڙها به ساڳيا آهن، ساڳين ڳوٺن
م گڏجي رهندڙ آهيون، گڏجي ڪري هڪ ٻئي جو
تحفظ ڪيو آهي. دشمن جڏهن به حملو ڪندو آهي
ته اسان ٻني برادرين ۽ قومن ڪي هڪ وجود
سمجهي ڪين نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪندو
آهي. هي وي لاگز ڪنهن به طرح ٻن قومن جي وچ
۽ نفرت پئدا ڪرڻ جو مقصد ناهن، پر هزارين
سالن کان هن خطي جي تاريخ بابت هڪ تحقيقي
دستاويز آهن. جنهن ۽ اهو ٻڌايو ويو آهي ته مختلف
دورن ۽ بلوچستان جي مختلف علائقن جي تاريخ ۽
جاگرافي ڇا رهي. ڪهڙيون برادريون ڪٿي رهيون،
سندن ڪهڙن ڪهڙن علائقن ۽ لڏپلاڻ ٿي، انهن جو
تاريخ ۽ ڪهڙو ڪردار رهيو. هنن وي لاگز ۽ جيڪي
ڪجهه تاريخي حقيقتون بيان ڪيون ويون آهن،
اهي هن کان اڳ به سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف
تاريخدانن پنهنجي ڪتابن ۽ لکيون ۽ ورجايون آهن.
سنڌ ۽ بلوچستان جي تاريخ تي جن ڪتابن مان
ريفرنس ڏنا ويا آهن، انهن ۽ نه فقط سنڌ سميت
آمريڪا، يورپ ۽ ٻين ملڪن جا تاريخدان، محقق ۽
آرڪيالاجسٽ شامل آهن، پر بلوچي ۽ بروهي
ڳالهائيندڙ تاريخدانن جو به وڏو انگ شامل آهي.
انهن ۽ خان آف قلات مير احمد يار خان، مولائي
شيدائي بروهي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر داد
محمد خادم بروهي، پروفيسر اختر بلوچ، خان بهادر

خداداد خان پشين، پروفيسر انور رومان، صادق
علي بلوچ، ڊاڪٽر شاهه محمد مري، موسيٰ خان
جلال زئي، ڪامران اعظم سوهدروي، ميرگل خان
نصير شامل آهن. مون کي ته ايئن محسو ٿئي ٿو
ته جن به ماڻهن منهنجي هنن وي لاگز تي مون کي
بدشد ڳالهايو آهي، انهن اهي وي لاگز ڀڏا ئي ناهن،
جيڪڏهن هنن اهي وي لاگز مڪمل ڀڏا هجن ها ته
کين ان قسم جي ردعمل ڏيڻ جي ضرورت
محسوس ئي نه ٿئي ها. جيڪڏهن هنن کي منهنجي
ڪن ڳالهين سان اختلاف هو ته اهي لکت ۽ پنهنجو
موقف پيش ڪري پئي سگهيا. دنيا اندر پنهنجو
موقف پيش ڪرڻ جو بهتر طريقو اهو ئي آهي. ڀلا
اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته آئون هڪ سنڌي هجڻ
جي ناتي پنهنجي بلوچ ڀائرن کان نفرت ڪيان يا
سندن بابت ڪوڙ، بدگماني ۽ نفرت ڦهلايان. آئون
ته مظلوم قومن وچ ۽ اتحاد ۽ ڀائيچاري جو حامي
آهيان. اڄ جڏهن هنن ٻنهي قومن ۽ اتحاد جي
سخت ضرورت آهي ۽ گڏيل جدوجهد لاءِ اڳتي اچڻ
جي ضرورت آهي، ته اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي
ٿو ته آئون سندن وچ ۽ ناراضگيون پيدا ڪرڻ جي
اڻڄاڻائي ۽ به ڪا ڪوشش ڪريان. مان پنهنجي
ناراض دوستن کي وري دعوت ڏيان ٿو ته هو ٻيهر
هنن وي لاگز کي ڀڏن، يا وري منهنجو ڪتاب جيڪو
دنيا جي مجيل ويب سائيٽس تي اپ لوڊ ٿيل آهي،
ان کي ڊائون لوڊ ڪري پڙهن. ان سان سندن شڪ
شبها ۽ بنا سبب ناراضگيون ختم ٿي سگهن ٿيون.
جيڪڏهن سنڌ بلوچن جي ماءُ آهي ته بلوچستان

جي ڌرتي به سنڌين کي ساهه کان وڌيڪ عزيز
آهي □ سنڌين جو تاريخي وطن آهي.

# تاملن جي سنڌو تهذيب بابت سازشي ٿيوري جو ڪهڙو مقصد آهي؟

رڪ سنڌي

چا سنڌي هن ماٿري جا اصلوڪا رهواسي نه پر ٻاهران آيل حملي آور آهن؟ انڊس اسڪرپٽ لاءِ انعام جي پويان تامل ناڊو جي وڏي وزير جو مقصد چا آهي؟ تامل ناڊو جي وڏي وزير جو سنڌو تهذيب بابت بيان ۾ 3 روزه انڊس ڪانفرنس سنڌين خلاف هڪ سازش ڪيئن آهي.خود انڊيا جي ٻين رياستن خاص ڪري جتي سنڌي تهذيب دريافت ٿي آهي، اتان جي ماهرن تامل ناڊو جي وڏي وزير جي ان سازش کي ننديو آهي.
پر اسان جا ڪجهه سنڌي وري ان سازش کي سمجهڻ بدران خوشي مان جهمريون پيا هڻن. ان کي سنڌو تهذيب لاءِ وڏو بريڪ ٿرو قرار ڏيڻ جي ڪوشش پيا قرار ڏين.

آخر مسئلو چا آهي

تامل ڪافي عرصي کان ان ڪوشش ۾ آهن ته سنڌو تهذيب کي ڪيئن به ڪري دنيا جي عالمن کان تامل يعني دراوڙي تهذيب ڊڪليئر ڪرائجي. هنن جو موقف اهو رهيو آهي ته سنڌو تهذيب سنڌين جي نه پر تاملن جي آهي. هن وقت جيڪي سنڌي سنڌ ۾ رهن ٿا، اهي آريا يعني يورپ کان آيل حملي آورن جو اولاد آهن. ان ڪري هن انعام رکڻ جو مقصد به اهو آهي ته لالچ جي بنياد تي سنڌو تهذيب کي تامل ٽائيگرز جي تهذيب تسليم ڪرائجي. اها ڪا تازي ڪوشش ناهي، پر هڪ صدي کان ان تي ڪم ڪري رهيا آهن. سندن ان سوچ کي انڊيا جا ٻيا ماهر به رد ڪن ٿا. خاص

ڪري جن خطن ۾ سنڌو تهذيب جا آثار مليا آهن، جيئن گجرات، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، راجستان، اتر پرديش، مهاراشتريا،، ڄمون ڪشمير، اوڀر پنجاب، هريانا. اتان جا محقق سندن ان سوچ ۾ سازش کي رد ڪن ٿا. تاملن سان اها علمي ويڙهه ڀارت اندر به جاري آهي.

سنڌو ماٿري جي تهذيب، موجوده سموري پاڪستان، انديا جي رياستن اوڀر پنجاب، راجسٿان، ڪڇ، يچ گجرات جي آهي. اهي ئي ان جا وارث آهن. هي اعلان قبضي جي سازش ايئن آهي ته سنڌو تهذيب کي سنڌين نه پر دراوڙن جي تهذيب قرار ڏنو وڃي. جڏهن ته هن سنڌو تهذيب واري خطي جا وارث دراوڙ ناهن. اهي ماڻهو آهي، جيڪي اڄ به اتي رهندڙ آهن، يعني، سنڌي پنجابي، راجسٿاني، گجراتي وغيره

سنڌي دراوڙ ناهن. اهو سڀ غلط ٻڌايو ويو آهي.

تامل ٽائيگر سنڌو ماٿري تي سڌو قبضو ڪري سريلنڪا وانگر رت جون نديون ته نه ٿا وهائي سگهن، پر هو پاڻ کي دنيا اندر معتبر ثابت ڪرڻ لاءِ سنڌو تهذيب جو سهارو وٺڻ گهرن ٿا. سندن ان سازش کي ڀارت اندر سختي سان رد ڪيو ويو ٿو. ڀارت ۾ ان معاملي تي وڏي ويڙهه هلي رهي آهي. جنهن کان اسان جا سنڌي اڻ واقف آهن. هو رڳو هش ۾ خوش آهن. اوهان رڳو انٽرنيٽ جو

صحيح استعمال ڪندا ته به ڪجهه هوش ٺڪاڻي اچي ويندو.

تاملن جو هڪ صدي کان اهو موقف رهيو آهي ته سنڌو ماٿري جي تهذيب سنڌين جي نه پر تاملن يعني دراوڙن جي آهي. هنن جو موقف آهي ته سنڌي اصل ۽ سنڌ جي اصلوڪا باشندا نه پر آريا آهن. يعني حملي آور آريا آهن جن دراوڙن جي ديس تي قبضو ڪري دراوڙن يعني تاملن کي هزارين ميل پري ڀڄائي ڇڏيو. سندن سڄي تحقيق جو محور اهو آهي ته هي تهذيب تامل، تيلگو وارن جي آهي. اسان جا ڪجهه ماڻهو اهو سمجهن ٿا ته تامل پاڻ کي سنڌي قرار ڏين ٿا ته ان ۾ ڪوبه حرجھ ناهي، پر تامل پاڻ کي سنڌي قرار نه ٿا ڏين. اٽلندو سنڌين کي به سنڌو ماٿري ۾ ٻاهران آيل آريا قرار ڏين ٿا.

سنڌو تهذيب جا سنڌ کان وڌيڪ آثار پنجاب، گجرات، راجستان ۾ مليا آهن، پر هنن ته ڪڏهن به ان تهذيب کي دراوڙي قرار نه ڏنو آهي. پنجاب وارا ته ان کي هڙپين قرار ڏين ٿا. راجستان ۽ گجرات وارا ان کي سرسوتي سنڌو تهذيب ڪوٺن ٿا، پر اسان سنڌي پنهنجي تهذيب کي دراوڙي قرار ڏيون پيا. وري ان تي فخر به ڪريون پيا. ڇا اسان کي پنهنجي سڃاڻپ تان هٿ کڻي ڇڏڻ گهرجي. پاڻ کي سنڌي بدران تامل يعني دراوڙ قرار ڏيڻ تي فخر محسوس ڪندي تاملن جي ان سازشي ٿيوري

جو حصو بڻجڻ گھرجي ته سنڌو تهذيب دراوڙي
تهذيب آهي؟

# ڇا سنڌو ماٿري جي تهذيب 10 هزار سال پراڻي آهي؟

رک سنڌي:

ڀارتي رياست هريانا جي هسار ضلعي مان سنڌو تهذيب جي قديم ماڳ راکي ڳڙهي جي کوجنا مان مليل نتيجن دنيا جي هن تهذيب بابت نوان □ حيرت جوڳا انڪشاف سامهون آندا آهن. دکن ڪاليج پوني جي ماهرن سينٽرل آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا (ASI) جي سهڪار سان راکي ڳڙهي تي ڪيل وڏيڪ تحقيق دوران هٿ آيل انساني باقيات مان اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته سنڌو ماٿري جي تهذيب 5 هزار سال آڳاٽي نه پر 8 هزار سال قديم آهي. راکي ڳڙهي جي ماڳ تي کوٽائي جي ٽئين مرحلي □ اهي نتيجا ڪڍيا ويا آهن ته هي ماڳ 8 هزار سالن کان آباد رهيو آهي. هن نئين تحقيق سنڌو تهذيب بابت نئين اڳ قائم ڪيل نتيجن کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري سنڌو ماٿري جي تهذيب عراق جي ميسوپوٽيما سميت مصر جي تهذيبن کان تمام گهڻي آڳاٽي سڀيتا آهي.

راکي ڳـڙهي جـو قـديم مـاڳ 80 ان 100 هيڪٽرن جي ايراضيءَ تي ڦهليل آهي. راکي ڳڙهي قديم سنڌ سـڀيتا جي شـهري تمـدن جي دور سـان واسـطو رکنـدڙ مـاڳ آهي. سـنڌو تهـذيب جي هن قديم مـاڳ راکي ڳـڙهي جي پهريـون ڀيرو 1997ع کـان 2000ع تـائين کوٽـائي کـرائي وئي. انــڊين آرڪيـالاجي ڊپـارٽمينٽ جي مـاهر ڊاڪـٽر امرينـدرا ناٿ (Amarendra Nath) طرفـان پهريـون ڀيرو ٿيل کوٽائي □ اهي ثبـوت مليـا تـه راکي ڳـڙهي جـو

ماڳ سنڌو سپيتا جي شهري تمدن جي عروج واري دور  2500 ق م ســان واســطو رکنــدڙ آهي. (1) جڏهن ته هن ماڳ جي ٻيو پيرو کوٽائي دکن ڪــاليج پوني طرفـان دنيـا جي مڃيـل مـاهر آرڪيالاجسـٽ پروفيســر وســنت شــاندي (Vasant   Shinde) طرفـان 2006ع ڪـان 2013ع تـائين ڪـرائي وئي. پروفيسر وشـنت شـاندي جي ٽيم طرفـان هن اهم ماڳ مـان مليـل باقيـات جـون ڊي اين اي ٽيسـٽون ڪرايون ويون. جنهن مـان اهي ثبـوت مليـا تـه هي مـاڳ 4 هـزارن سـالن ڪـان بـه وڏيڪ آڳـاٽو آهي. جڏهن ته گذريل 2 سالن کان آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا ۽ دکن ڪاليج پـوني طرفـان راکي ڳـڙهي جي قديم ماڳ جي ٽيون پيرو کوٽائي شـروع ڪـئي وئي. کوٽائي جو ٽيون مرحلو آرڪيالاجيڪل سـروي آف انڊيا جي جوائنٽ ڊائريڪٽر سنجي ڪمار منجـل (Sanjay  Kumar  Manjul) ۽ دکن ڪـاليج پـوني جي اسســـٽنٽ پروفيســـر پربـــوڌ شـــروالڪر ( Prabhodh  Shirwalkar) جي نگـراني ۽ شـروع ڪيو ويو. پروفيسـر پربـوڌ شـروالڪر راکي ڳـڙهي مان مليل نـتيجن بـابت ڳالهائينـدي چيـو تـه، “راکي ڳڙهي جو مـاڳ سـنڌو تهـذيب جـا 3 مختلـف دورن سـان واسـطو رکنـدڙ آهي. انهن ٽن دورن ۽ اوپـر هڙپين، وچ واري در جو هڙپائي ڪلچر ۽ اتر هـڙپين (مـاڊرن) شـامل آهن. راکي ڳـڙهي جي پهريـان 2 دور مڊل ۽ ماڊرن هڙپين ڪلچر 4 هزار سـال آڳاٽـا آهن. جڏهن ته ماڳ جي ٽئين يعني سڀ کان هيـٺين تهـه جي کوٽـائي مـان 7 کـان 8 هـزار سـال آڳـاٽي

سنڌو تهذيب جا ثبوت مليا آهن.” پروفيسر پربوڌ شروالڪر موجب هن ماڳ مان مليل انساني باقيات جي ڊي اين اي ڪئي وئي آهي، جنهن مان اهي نتيجا مليا آهن ته راڪي ڳڙهي 8 هزار سال آڳاٽو ماڳ آهي. جنهن سان اهو ثابت ثئي ٿو ته سنڌو ماٿري جي تهذيب 5 هزار سال نه پر 8 هزار سال آڳاٽي آهي. سائنسدانن طرفان هن ماڳ جي ڊي اين اي جي نتيجن موجب 8 هزار سال اڳ ڪان هيل تائين جي ماڻهن جو ساڳيو ڊي اين اي آهي. يعني 8 هزار سالن کان هن ماٿري ۾ ساڳيا ماڻهو رهندڙ آهن. سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳ راڪي ڳڙهي ۾ سنڌو ماٿري جا موجوده رهواسين جا ابا ڏاڏا ۽ پڙڏاڏا رهندا هئا. (1) (2)

راڪي ڳڙهي مان ان دور جي ماڻهن جي تدفين وارو هنڌ يعني هڪ وڏو قبرستان مليو آهي. جتان مليل انساني ڍانچن سميت قديم ماڳ مان مليل جانورن جي هڏن جو سائنسي تجزيو ڪيو ويو. جنهن مان ڪافي حيرت جوڳا نوان انڪشاف سامهون آيا آهن.

راڪي ڳڙهي بابت آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل اجي يادو جو چوڻ آهي ته، هن ماڳ جي کوٽائي دوارن انتهائي اهم دريافتون ٿيون آهن، جن ۾ سون ۽ چاندي به شامل آهي. جڏهن ته چاندي ۽ ڪاپر جا ٺهيل زيور به هٿ آيا آهن. راڪي ڳڙهي مان انتهائي خوبصورت نموني جا ٿانون به مليا آهن، جن ۾ هڪ ڊنر سيٽ به

شامل آهي. سندس چوڻ موجب ته بيد رم ۽ ڪچن جو تصور موجوده دور جو سمجهيو وڃي ٿو، جڏهن ته سنڌو سڀيتا جي هن ماڳ ۾ انتهائي ويڪرا زير زمين گهر به مليا آهن، جن جا اڱڻ ويڪرا ۽ پاڻي جي نيڪال يعني ڊرينيج جو به خاص انتظام ٿيل آهي. هتي اهڙا گهر به مليا آهن، جيڪي 2 ڪان ڇهن ڪمرن تي مشتمل آهن. هن ماڳ جي هڪ اهم ڳالهه اتان مليل پائڻ جا ڪپڙا آهن، جن مان اندازو ٿئي ٿو ته راڪي ڳڙهي جا ماڻهو انتهائي فيشن ايبل هيا، هو خوبصورت ڊزائنن جا ڪپڙا پهريندا هيا، انهن ڪپڙن ۾ رنگ برنگي ڪپڙا، شال ۽ قميصون شامل آهن. پروفيسر شروالڪر جو چوڻ آهي ته راڪي ڳڙهي مان ملندڙ شاهديون ٻڌائين ٿيون ته ان دور جا ماڻهو اڄ جيترا ترقي يافته هيا. (3) (4)

نه فقط راڪي ڳڙهي مان اهي ثبوت مليا آهن ته سنڌو 8 هزار سال آڳاٽي تهذيب آهي، پر موهن جو دڙو بابت به ماهرن ان راءِ جا آهن ته سنڌو ماٿري جي تهذيب جو هي ماڳ به 8 هزار سال اڳ کان وجود رکندڙ آهي. هتي 8 هزار سال کان به اڳ شهري تمدن پنهنجي عروج تي هئي.

آمريڪا جي آرڪيالاجي ماهر اومائل اين مورا، سر مورٽيمر ويلر جو حوالو ڏيندي لکي ٿي ته موهن جي دڙي جي موجودهه شهر هيٺيان ڇهه شهر ٻيا به موجود آهن ۽ ماهر رڳو مٿيئين حصي مان کيئن ٿا اها راءِ قائم ڪري سگهن ته هي

تهذيب 5 هزار سال پراڻي هوندي. اومائل اين مورا چوي ٿي ته موهن جي دڙي جي سڀيتا دنيـا جي هــر تهذيبي مرڪز کان آڳاٽي □ سـڀني تهـذيبن جي مـاءُ □ گهٽ □ گهٽ ڏهه هزار سال پراڻي آهي□ (5)

ماهر ان راءِ جا آهن ته موهن جي دڙي جـو مـاڳ 5 هزار سال نه پر گهٽ □ گهٽ 10 هزار سـال آڳـاٽو آهي. چاڪـاڻ تـه سـندن مـوجب مـوهن جـو دڙو □ هڪ ٻئي مٿان ست شـهر لـڏا ويـا آهن. آبڪلاٽيءَ □ سنڌونديءَ جي ٻوڏ □ چوماسي □ جبلن تـان پـاڻيءَ جي چڙن لهڻ سبب هيءُ شهر هڪ ڀيرو زبــون ٿيــو ٿي ته پاڻي جي لهڻ بعد ماڻهن ڪجهه عرصــي بعــد اتي نئـون شــهر ٻـڌو ٿي. ائين شــهرن مٿـان شــهر ٻڌائون، جن مان اجا تائين ستن شهرن جـو پتـو پيـو آهي. انهن ســتن تهن هيٺــان پـاڻي نڪتــو آهي. (6) قــديم آثـارن جي مـاهرن مــوجب پـاڻي هيٺـان پڻ اڏاوتن جا آثار ملن ٿا. جيڪـڏهن مـوهن جي دڙي □ مٿي چڙهي آيل سم جي پـاڻيءَ جي ڪنهن طـريقي ســان ســطح گهٽ ڪجي تــه ڪجهــه وڌيڪ تهــه دريافت ٿي سگهن ٿا. مــوهن جي دڙي جي کوٽـائي ڪنـدڙ سـر جـان مارشـل کوٽـائي دوران لنـڊن جي هڪ اخبار (7) □ لکيو ته، “اسان هيل تائين کوٽـائي □ هڪ ٻئي هيٺان نون شهرن جا ڪنڊر ساڳي مال □ مٿيءَ جي تهن هيٺان لـڏا آهن. جنهن مــان بئبيلونيـا کان به اڳ جي تهذيب تي روشني پوندي. اسان اجا اونهي کوٽائي ڪنداسين، سمجهون ٿا ته اجــا 3،ــ 4

يـا 5 شـهر انهن تهن مـان هٿ ڪنداسـين. جن جي عمر 9 ڪان 11 هزار ورهيه پراڻي هوندي.” (8)

اصل □ سنڌو ماٿري □ مليل ماڳن جي اجا سوڌو مڪمل کوٽائي نه ٿي سگهي آهي. ان ڪري آرڪيالاجي جا ماهر هن تهذيب جي عمر جو صحيح ڪاٿو لڳائڻ □ ناڪام ويا آهن. جيڪڏهن سنڌو تهذيب جي ماڳن جي آخري تهن تائين يعني مڪمل کوٽائي ٿئي □ اتان مليل باقيات جي جديد سائنسي بنيادن تي جاچ ڪئي وڃي ته هن تهذيب جي 10 هزار سالن کان به وڌيڪ آڳاٽي هجڻ جا ثبوت ملي سگهن ٿا.

حوالا:

(1) Dheeraj Bengrut: New evidence suggests Harappan civilisation is 7,000 to 8,000 years' old, Hindustan Times, Dec 22, 2023.

https://www.hindustantimes.com/cities/pune-news/new-evidence-suggests-harappan-civilisation-is-7-000-to-8-000-years-old-101703182904001.html

(2) 'Harappan civilisation is 7000 to 8000 years old': Scientists studying DNA samples from Rakhigarhi site find

(3) www.opindia.com, 27 December, 2023

(4) Recent Findings Reveal Harappan Civilization Is 7000-8000 Years Old, **The Commune, December 27, 2023**

https://thecommunemag.com/recent-findings-reveal-harappan-civilization-is-7000-8000-years-old/

(5) رک سنڌي، سنڌو سڀيتا ججا قديم ماڳ، حيدرآباد، 2024ع ، ص: 19-20

(6) آڏواڻي، قديم سنڌ، ص-88

(7) Modern Review, February, 1925

(8) Marshall, Sir J. “Mohen jo Daro and Indus Civilization” Vol: 1, P-VI

# بهاولپور رياست جو بنياد وجهندڙ دائودپوٽا ڪير آهن؟

رک سنڌي

دائودپوٽا، سنڌ جي اصلوڪين برادرين مان هڪ برادري آهي. پاڻ بهاولپور رياست جا حڪمران به رهيا آهن. هو پاڻ کي عباسي به سڏائين ٿا. هو موجوده سنڌ کان سواءِ ملتان □ ان جي آس پاس رهن ٿا، ڇو ته ماضيءَ □ سوين سالن تائين ملتان سنڌ جو حصو رهيو آهي.

دائودپوٽن جو بهاولپور □ گهڻو اثر □ وڏي آبادي آهي. دائودپوٽن □ ڪلهوڙن جو ڏاڏو هڪ ئي آهي. تاريخدانن جي راءِ موجب امير چني کي ٻه پٽ محمد دائود □ محمد مهدي ٿيا. محمد مهديءَ کي ابراهيم يا ڪلهوڙو خان سڏجي ٿو. مهدي جو اولاد

ڪلهوڙا اڳتي هلي سنڌ جا حڪمران ٿيا. جڏهن ته دائود جو اولاد دائودپوٽا سڏيا ويا. سندن ڪجهه وقت شڪارپور تي به حڪومت ڪئي.
ان نسبت سان ڪلهوڙا ۾ دائودپوٽا پاڻ ۾ سؤٽ ٿين. ڪننگهام لکي ٿو ته نادر شاهه جڏهن شڪارپور تي قبضو ڪري، ان کي پنهنجي راڄ شاهيءَ ۾ شامل ڪري ڇڏيو ته هن دائود پوٽن کي اڳتي آندو.

سکن جي تاريخ ۾ دائود پوٽن کي لنگها ۾ جويا به سڏيو ويو آهي. اهي ٻئي ذاتيون سنڌي برادريون آهن.

ايس. ايم. چنا پنهنجي ڪتاب Encyclopedia of Indian Tribes and Castes يعني “ذاتين جي انسائيڪلوپيڊيا” ۾ لکيو آهي ته سنڌ جا ڪلهوڙا ٻن خاندانن ۾ ورهائجي ويا، جيڪي سنڌ جا حڪمران ٿيا، انهن پاڻ کي ڪلهوڙا چورايو ۽ دائود خان جي اولاد بهاولپور جي حڪومت جو بنياد وجهي، پاڻ کي پنهنجي ڏاڏي دائود خان جي نسبت سان ’دائودپوٽا‘ سڏايو.
ڪتاب “قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو” ۾ مرزا قليچ بيگ لکيو آهي ته دائود پوٽا عباسي ڪلهوڙن جي ڄام چيني جي پوٽي دائود جو اولاد آهن.

قليچ بيگ موجب اهي پاڻ کي اصل عباسي خليفن جي اولاد امير احمد جي نسل مان ڄاڻائين ٿا. اهو

مكران مان سنڌ  آيو، جتي هن  سندس پٽ
هندن مان شاديون كيون  هندو راجائن جي مدد
سان حاكم ٿي ويٺا.
هڪ ٻيو ليكڪ لکي ٿو ته محمد پٽ چينو ستن هندو
راڻن جي مدد سان سردار ٿيو. انهن ستن راڻن جي
ڌيئرن سان شادي كري ’ڄام‘ جو
لقب حاصل كيائين. كيس ٻارهن زالن مان ارڙهن
پٽ ٿيا، جن كي وري كيترو اولاد پيدا ٿيو، انهن مان
’دائود‘ نالي هكڙو پٽ راٺي چيني ولد ڌيٿي جي
ڌهتي مائي چوليا مان پيدا ٿيو، دائودپوٽا ان دائود
جو اولاد آهن.“
جڏهن ته سنڌي جي ذاتين جي اپياس مان خبر پوي
ٿي ته: ’دائود‘ اصل  ’كوري‘ هو، ان جي اولاد
پاڻ كي ’كوري‘  ’دائود پوٽا‘ سڏايو. مغل
بادشاهن اكبر  اورنگزيب هنن كي لكيءَ 
خانپور جون جاگيرون عطا كيون. 1667ع
ڌاري شير خان مهر كان بهادر خان دائودپوٽي
(كوري) وڙهي سندس شكارگاهه ڦري ڦٻائي
ورتو  پوءِ ان شكارگاهه تي شهر اڏائي
’شكارپور‘ جو نالو ڏنائين. ٽماهي مهراڻ نمبر
4، سال 1989ع  نصرپور جي احوال  لكيل آهي
ته دائود پوٽا كوركو ڏنڌو كندا هئا. دونگهه،
سكيائي، ليكي، درس  خليفا هنن جا پاڙا آهن.

ڊاكٽر نبي بخش خان بلوچ كتاب ’ٻيلاين جا ٻول‘
( ’شاهوڪ‘ سمات ذات جا جيكي پاڙا لكيا
آهن، تن مان هڪ پاڙي جو نالو ’دائودپوٽا‘ آهي.

هي دائودپوٽا، قديم دور ۾ سنڌ جي عائقي لسٻيلي کان نقل لڏپلاڻ ڪري سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙجي ويا آهن.

ان ڳالهه ۾ ڪابه سچائي نه آهي ته دائود پوٽا عرب هيا ۾ عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت هتي آيا هئا. هتي هڪ ڳالهه واضح ٿيڻ گهرجي ته دائود پوٽا اصل سنڌي سمات نسل جا آهن. ڪلهوڙا ۾ دائود پوٽا هڪ ئي خاندان سان واسطو رکن ٿا. سندن ڏاڏاو ڄام چنو هو. چنو نالو خالص سنڌي آهي ۾ سنڌ ۾ چنو نالي هڪ سنڌي برادري به اڄ تائين رهندڙ آهي. جيڪڏهن دائود پوٽا عرب هجن ها ته سندن نالا عربي طرز جا هجن ها، ٻيو ته هنن هندو خاندانن مان شاديون ڪيون، جيڪي سندن مائٽ هيا.

ڄام چنو جي پٽ محمد ستن هندو راڻن جي مدد سان سردار ٿيو. هن انهن ستن راڻن جي ڌيئرن سان شادي ڪري ’ڄام‘ جو لقب حاصل ڪيو. ڪيس ٻارهن زالن مان ارڙهن پٽ ٿيا، جن کي وري ڪيترو اولاد پيدا ٿيو، انهن مان “دائود” نالي هڪڙو پٽ راٽي چيني ولد ڏيتي جي ڌهتي مائي چوليا مان پيدا ٿيو، دائودپوٽا ان دائود جو اولاد آهن.“ هاٽي هتي اها ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته چينو، ڏيتو ۾ چوليا اصل ۾ ٺيٺ سنڌي نالا آهن. انهن جو عرب نسل جي ذاتين سان ڪوبه واسطو نه آهي.

اهڙي طرح بهاولپور رياست جو بنياد وجهندڙ سنڌي ڳالهائيندڙ برادري دائود پوٽا هيا. بهاولپور رياست ستلج ندي □ سنڌو نديءَ جي ڪناري تي هئي. هن رياست کي ٽن ضلعن بهاولپور، بهاول نگر □ رحيم يار خان □ ورهايو ويو.

بهاولپور رياست جو بنياد 1690ع □ بهادر خان دائود پوٽي رکيو. نواب محمد بهاول خان انگريز سرڪار سان پهريون معاهدو ڪيو، جنهن □ بهاولپور رياست کي آزاد حيثيت ڏني وئي. جتي سنڌي ڳالهائيندڙ آباديون وڏي تعداد □ رهندڙ آهن. بهاولپور رياست کي 1947ع □ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ 1955ع □ پاڪستان □ شامل ڪيو ويو.

تمام گهٽ ماڻهن کي خبر هوندي ته بهاولپور رياست پاڪستان □ شامل ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه عرصي تائين يعني 1955ع تائين هڪ صوبو رهيو. 1955ع □ بهاولپور کي صوبي جي حيثيت سان ون يونٽ □ شامل ڪيو ويو، پر 1970ع □ ون يونٽ جي خاتمي کان پوءِ بهاولپور کي صوبي جو درجو نه ڏنو ويو پر ان کي پنجاب صوبي □ ضم ڪيو ويو.

# ارغونن نامياري مذهبي عالم مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ چو پيڙهايو؟

رڪ سنڌي

هن کي گهاڻي ۾ پيڙڻ لاءِ وڌو پئي ويو ته ڏارين دلالن آڏو دانهن ڪري چيائين ته منهنجو سر پهريان اڪري  اندر نه وجهو، منهنجا پهريان پير گهاڻي ۾ وجهو. جيئن جيستائين سسي اڪري تائين پهچي، ان مهل تائين پنهنجي ديس کي ڏسندو رهان. هو ڪو چور ڌاڙيل ۾ ڦورو نه هيو، پر هن ديس جو آزادي جو متالو هو، جنهن دشمن سان وک وک تي ويڙهه ڪئي هئي. سندس سربراهي ۾ سنڌين جي لشڪر ۾ دولهه دريا خان جي پٽن پنهنجو رت وهايو هو. اڄ پاڻ ان ئي مخدوم بلال جي ڳالهه ڪنداسين. جنهن مرڪندي موت قبوليو هو. ان کان اڳ دوستن، پائرن ۾ پينرن کي گذارش آهت اسان جي چڊينل کي سبسڪرائب ڪن، هن اهم وڊيو کي آخر تائين ٻڌن. جيئن هو دنيا جي انهن عظيم انسانن تي فخر

ڪري سگهن، جيڪي پاڻ ته قربان ٿي ويا، پر ديس
واسين جو ڪنڌ فخر کان اوچو ڪري ويا.

مخدوم بلاول سنڌ جي سما راڄ دوران وطن سان
محبت جا نوان باب لکيا. پاڻ ذات جو سمون هو.
سندس والد جو نالو مخدوم حسن هو. مخدوم
بلاول ڄامشوري ضلعي جي هڪ ڳوٺ ٿلٽي ۾ 856
هجري بمطابق 16 جون 1451ع ۾ جنم ورتو.
مخدوم بلاول جو ڏاڏو مخدوم محمد ادريس سمون
لس ٻيلي جو حاڪم هو. ڪجهه تاريخدانن موجب
سندس تعلق ٺٽي جي شاهي خاندان سان هو. پر
ناميارو تاريخدان ڊاڪٽر غلام محمد لاکو موجب
مخدوم بلاول لسٻلي جي ڄامن جي خاندان سان
واسطو رکندڙ هو.

سمي حاڪم ڄام فيروز جي زماني ۾ جڏهن مرزا
شاهه بيگ ارغون سنڌ تي ڪاهه دوران باغبان وٽان
لنگهائو ٿيو ته مخدوم بلاول ۾ سندس مريدن
سندس مقابلو ڪيو پر شاهه بيگ ارغون سر بچائي
پڇي ويو ۾ ٺٽي ۾ وڃي ڄام فيروز کان هڪ
معاهدي تحت سيوهڻ جو علائقو هٿ ڪيو. شاهه
بيگ ارغون سيوهڻ تي حاڪميت کي سگهارو ڪرڻ
لاءِ مختلف راڄن کان حمايت وٺڻ شروع ڪئي.
جنهن تي مخدوم بلاول سندس ناجائز قبضي خلاف
علائقي ۾ مهم هلائڻ شروع ڪئي ۾ ماڻهن کي
سندس خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻ لڳو. جڏهن
شاهه بيگ ارغون مخدوم بلاول کي پنهنجي لاءِ
خطرو سمجهڻ لڳو ته ان خلاف سخت ڪارراوئي
جي تياري ۾ مصروف ٿي ويو.

مير محمد معصوم جي ڪتاب تاريخ معصومي □ مخدوم بلال □ ارغونن جي وچ □ ويڙهه بابت تفصيل سان لکيل آهي.

مخدوم بلال سنڌ □ قابض بڻيل ارغونن جو زبردست مخالف هو. تاريخ □ ارغونن □ ترخانن جي ظلمن جا داستان موجود آهن. مخدوم بلال کي شهيد ڪرڻ لاءِ هڪ بهاني جي ڳولا ڪئي وئي. مولانا دين محمد وفائي ان پس منظر □ لکيو آهي ته: آخرڪار وقتي سياست سبب مخدوم بلال کي شهيد ڪرايو ويو.

سائين جي ايم سيد لکيو آهي ته: مخدوم بلاول جي شهادت جو واقعو حضرت مخدوم نوح عليه الرحمة جي پوٽي ميان غلام رسول صديقيءَ جي لکيل ڪتاب □ پڻ ملي ٿو.
سنڌ جي ارڏي شاعر سچل سرمست به هڪ ڪافيءَ □ مخدوم بلال جي شهادت جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن □ ڪيس گهاڻي □ پيڙجڻ جو ذڪر آهي. گهاڻي □ بلاول پيڙائيي، عنايت ميدان مارايئي
ڊاڪٽر غلام محمد لاکي موجب مخدوم محمد عاقل فارسي زبان □ "گنجينه جهان نما" ڪتاب ٽن جلدن □ سن 1288ھ/1871ع □ لکيو. ان جو سنڌي خلاصو مخدوم محمد شفيع عباسيءَ ڪيو. فارسي توڙي سنڌي خلاصو اجا نه ڇپيو آهي. مخدوم بلال جي گهاڻي □ پيڙجڻ واري روايت □ ان □ مهدوين جي ملوث هجڻ جو ذڪر هن ڪتاب □ ملي ٿو.
سيد حيدر شاه اجناٽي نالي بزرگ هالن جي آس پاس رهندو هو. سن 1303ھ/1885ع □ وفات

ڪيائين. مخدوم بلال جي ڳهاٽي ۽ پيڙجڻ واري
واردات هن ريت بيان ڪري ٿو:
ڪني سوري سيج ڪئي، ڪي ڳهميا منجهه ڳهاٽي
قاضي هدايت الله مشتاق متعلوي ڳذريل صديءَ ۽
مشهور مصنف، نثر نويس، شاعر ۽ عالم ٿي ڳذريو
آهي. قاضي صاحب هڪ قديم تحرير جي حوالي
سان مخدوم صاحب جي شهادت جو ذڪر ڪيو ۽
هڪ عدد مرثيو به لکيو.
رڪيل شاه صوفي سنڌي زبان جو مشهور شاعر
هو، جنهن سن 1359ه/1940ع ۾ وفات ڪئي.
مخدوم بلال جي شهادت هن ريت بيان ڪئي اٿس:
منجهه ڳهاٽي پيڙيو، وهن تنهنجي ناز جون ناليون
سائين جي ايم سيد موجب مخدوم بلاول انهن
بزرگن مان هو جن شريعت اسلام جي پيروي
صاحب طريقت لاءِ ضروري ٿي ڄاتي جنهن ڪري
هن جي توجهه زيادہ تر عوام جي اخلاقي درستي ۽
نفسياتي اصلاح طرف هو.
هن جي طريقه تعليم جا مکيه اصول هيٺيان هئا.
صاحب طريقت کي معتقدن ۽ مريدن جي نذر نياز
کان پاسو ڪري ڌنڌو ڪري گذر معاش ڪرڻ
گهرجي.
مذهب ۽ سياست کي علحدہ رکڻ ضروري هو.
سندس گروہ قوم پرستيءَ جي بنياد تي سنڌ
دوستيءَ جو حامي هو.
ملڪ ۾ عام دستور هو ته مدرسه يا خانقاهون يا ته
حڪومت جي مدد تي هلندا هئا يا شهرين ۽
معتقدن جي نذر نيازن جي آڌار تي هلندڙ هئا. پر

مخدوم ان خلاف هيو، هن  پاڻ ڪورڪو ڏنڌو اختيار ڪري ان مان گذر معاش ڪرڻ شروع ڪيو ۽ خليفن کي به حڪم ڪيو ته گذر معاش لاءِ ڪو ڏنڌو اختيار ڪري ان تي گذارو ڪن، بلڪ وٽس اچن ته به سمر پاڻ سان کنيون اچن.

نه پاڻ مريدن کان نذر نياز وٺندو هو نه خليفن کي وٺڻ جي اجازت هئي.

پاڻ به ڪچي لانڍيءَ ۾ رهندو هو ۽ سڀني خليفن کي به ڪکائن گهرن ۾ رهڻ جو حڪم هو ۽ پڪي جاءِ جنهن کي انهن ڏينهن ۾ ماڙي سڏيندا هئا ۾ رهڻ جي منع هئي.

بلاولي طريقي جي خليفن لاءِ سادي کاڏيءَ جي ڪپڙي ۽ سادي خوراڪ لازمي ٺهرايل هئا. ريشم ۽ عمدي ڪپڙي يا طعام کائڻ جي اجازت نه هئي.

گهر ۾ جنڊيءَ جو پينگهو يا کٽ رکڻ جي اجازت نه هوندي هئي، سادي کٽوليءَ تي سمهڻ جو حڪم هو.

زالن کي به ڌُهريون، حَس، ٻاهيون، ڪڙيون، نَٿون ۽ ريشمي ڪپڙي پهرڻ جي منع هئي.

انتقال بعد پنهنجي مٿان قبي اڏائڻ جي منع ڪئي هئي.

مخدوم صاحب سنڌ تي ڌارين جي حڪمراني جو مخالف هو. مخدوم بلاول ۽ سندس معتقدن سنڌ جي سما حڪومت جي ارغونن جي خلاف مدد ڪئي. سندس معتقد ارغونن خلاف هندن سان گڏجي لڙيا.

سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب “سنڌ جا

سورما" ۾ لکي ٿو ته مخدوم بلاول کي تاريخ اسلام بابت مکمل ڄاڻ حاصل هئي.. هو سمجهندو هو ته مذهب ۽ سياست جي گڏجڻ سان نقصان ٿيندو. مذهب کي حاڪم پنهنجي مرضيءَ موجب استعمال ڪندا..

سنڌ کي دهلي ۽ افغانستان طرف جي مسلمان حاڪمن کان جنگين ۽ ڦرلٽ جو هميشه خطرو رهندو هو. ان ڪري سنڌ جا ماڻهو انهن ملڪن کان ايندڙ مذهبي پرچار ڪندڙن کان به خبردار هوندا هئا.

جڏهين سيد ميران محمد شاهه جونپوري سنڌ ۾ آيو ۽ پاڻ کي مهدي سڏائي بيعت وٺڻ لڳو ته ان نظريي کي مخدوم بلاول سنڌ جي مفاد لاءِ نقصانڪار سمجهي رد ڪري ڇڏيو. مخدوم بلاول پنهنجي خليفي سيد حيدر شاهه سن واري هٿان سيد ميران محمد شاهه جي قافلي تي حملو ڪرائي سنڌو درياهه ۾ سندس ٻيڙيون ٻوڙائي ڇڏيون. جنهن سبب هي افغاني سنڌ ۾ پنهنجي مهدوي تحريڪ جي پرچار کي روڪي افغانستان ڀڄي ويو.

جڏهين ڄام فيروز جي نا اهلي ۽ دربار ۾ ٻاهرين جي اثر ڪري نواب دريا خان بد دل ٿي وزارت کان ٻاهر نڪتو ۽ ارغون مُلک فتح ڪندي نٿي پهتا. آخر وقت ۾ نواب دريا خان سنڌ خاطر وڙهندي شهيد ٿي ويو ۽ ان کان پوءِ دولهه دريا خان جي فرزندن موٽڻ خان ۽ محمود خان راٺي رٽمل ۽ جوڌا سنگهه سوڍن، سهتن ۽ مخدوم صاحب جي مريدن ٺلٽيءَ

وٹ پيو دفعو جنگ ڪئي، جنهن ۾ سپ شهيد ٿي ويا.

ان ڪان پوءِ مخدوم صاحب کي پتو پيو ته آئيند۾ وار مٿس ٿيڻ وارو هو. ان ڪري هن فيصلو ڪيو ته پاڻ اڪيلو سِر ڏئي.

شاهه بيگ ارغون مخدوم بلاول کي پنهنجي رستي تان هٽائڻ لاءِ رٿابندي ڪرڻ لڳو. ٺارئي دشمن وٹ مذهب هڪ هٿيار طور موجود هو، هن ماڻهن جي مذهبي جذبن سان کيڏڻ جي ڪوشش ڪئي. ٺارئي حاڪم مخدوم بلاول تي مزحب اسلام جي خلاف هجڻ جا مختلف الزام لڳايا ويا. مخدوم بلاول خلاف هڪ سازش جي شروعات ڪئي وئي. جنهن هيٺ هڪ موچي ڪان جتي تيار ڪرائي وئي جنهن ۾ پاڪ ڪتاب جا ورق اندر رکيا ويا ۽ اها جتي مخدوم صاحب کي نذراني طور ڏني وئي پر مخدوم صاحب اها جتي پيرن ۾ ڪڏهن به نه پاتي هئي. آخر ڪوڙا گواهه بيهاري مخدوم صاحب تي الزام هنيو ويو ته هن پاڪ ڪتاب جي بي حرمتي ڪئي آهي. ان ڏس ۾ مخدوم بلاول خلاف مذهبي عالمن کان بي حرمتي جي ڏوهه ۾ موت جي سزا جي فتويٰ ڏياري وئي ۽ ڪيس گهاٽي ۾ پيڙائڻ جو حڪم ڏنو ويو.

مخدوم صاحب کي وقت جي قاضي صفائي ۾ ڪجهه چوڻ لاءِ چيو ته مخدوم صاحب چيو ته مان ڪجهه چوڻ نه ٿو چاهيان. ان بعد جسم کي لوهي

گهاٽي ۽ پيرن ڪان وٺي پيڙهي شهيد ڪيو ويو.
سندس مريدن ۽ معتقدن سندس خون ۽ گوشت
کي هڪ مٽي ۾ وجهي موجوده جاءِ تي دفن ڪيو.
اها شهادت تاريخ پهرين محروم 929هه بمطابق
1522ع تي ٿي. شهيد مخدوم بلاول هميشه لاءِ امر
بڻجي ويو.

# سنڌو سڀيتا جو قديم ماڳ
# لاکاپور ڪڇ

رک سنڌي

پارتي رياست گجرات جي علائقي ڪڇ ۾ لکپت جي ويجهو سنڌو سڀيتا جو هڪ قديم ماڳ ڳولي لڌو ويو آهي. ان قديم ماڳ کي ڳوٺ لاکاپور جي پرسان هجڻ ڪري “لاکاپور” (Lakhapar) جو نالو ڏنو ويو آهي. قديم ماڳ لاکاپور بابت آرڪيالاجسٽن جي راءِ آهي ته هي آبادي 5 هزار 300 سال آڳاٽي آهي. ڪڇ قديم دور کان سنڌ جو هڪ علائقو رهيو آهي. ڪڇ جو علائقو 10 هزار سالن کان به اڳ سنڌو سڀيتا جي سرحدن ۾ شامل هيو. جڏهن ته ان بعد ويجهي ماضيءَ تائين ڪڇ، ڀڄ، ڪاٺياواڙ ۾ گجرات جي ڪافي علائقا قديم سنڌ وطن جي سرحدن ۾ شامل رهيا آهن.

لاکاپور جو قديم شهر ان وقت به آباد هيو، جڏهن سنڌو ماٿري جي ماڳن، موهن جو دڙو، ڪوٽڏيجي، آمري، چانهون جو دڙو ۾ هڙاپا سميت ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۾ گجرات جي علائقن ۾ ڍولاويرا ، ڏيسالپور، رانگپور ۾ لوٿل جا قديم شهر آباد هيا. لاکاپور جو قديم ماڳ شهري تمدن يعني ميچوئر انڊس سولائيزيشن کان اڳ ڳوٺاڻي ثقافت يعني ارلي انڊس سولائيزيشن جي ماڻهن جي آبادي هئي. جنهن ڪري هن شهر کي سنڌ جي آمري ۾ ڪوٽڏيجي جو همعصر قرار ڏئي سگهجي ٿو. سنڌو سڀيتا جي وارثن هي آبادي پاڻي جي سهنج کي نظر ۾ رکندي هڪ ندي جي پرسان آباد ڪئي وئي هئي، ان سڪي ويل ندي جا هن وقت به آثار موجود آهن. هن ماڳ جا وارث نه فقط پيئڻ لاءِ ان ندي

جو پاڻي استعمال ڪندا هيا، پر ان ندي جي پاڻي تي فصل به پوکيندا هيا.

لاڪاپور جو هي ماڳ تقريبن ٽن هيڪٽرن تي پکڙيل آهي. 2022 ۾ ڪيرالا يونيورسٽي جي آثار قديمه جي ماهرن جي ايس اڀيان (Abhayan G.S) ۽ ايس وي راجيش (Rajesh S.V) پاران ٻهريون ڀيرو هن ماڳ جي سنڌو سڀيتا جي ماڳ طور سڃاڻپ ڪئي وئي هئي. جنهن بعد سال 2024ع ۾ هن ماڳ جي کوٽائي ۾ پارٽي آرڪيالاجسٽن سميت ٻين ملڪن جي قديم آثارن جي ماهرن جي هڪ گڏيل ٽيم حصو ورتو. لاڪاپور مان پٿرن جي اڏاوتن سميت پکين سرن سان اڏيل گهر دريافت ڪيا ويا آهن. جيڪي نهايت سليقي سان ٺهيل آهن. جڏهن ته پٿر، پڪل مٽي ۽ ڌات جا ڪيترائي نوادرات مليا آهن. جن ۾ خاص ڪري پٿر جا اوزار خاص اهميت جوڳا آهن، اهو پٿر کوٽڏجي جي ٽڪرين مان حاصل ڪيو ويندو هو. هن شهر جا وارث اهو پٿر کوٽڏيجي مان آڻيندا هيا. جنهن مان يا ته هو پاڻ خاص قسم جا اوزار ٺاهيندا هيا، يا وري کوٽڏجي مان پٿر جا ٺهيل ٺڪيل اوزار خريد ڪري هتي آڻيندا هيا. هن ماڳ جي پرسان هڪ انساني تدفين يعني قبرستان به مليو آهي. هن ماڳ تان گهريلو استعمال جا برتن، عقيق، مختلف قسم جا قيمتي پٿر جا موتي، سپين جا خول، چوڙيون، ٽامي جون شيون، ان پيهڻ جا پٿر جا اوزار، پٿر مان ٺهيل هٿوڙو ۽ ٻيا نوادرات مليا آهن، اهي سڀ نوادرات

سنڌو سڀيتا جي ٻين ماڳن تان به اڳ ئي دريافت ٿي چڪا آهن. آرڪيالاجي جي ماهرن  موجب لاکاپور  مان مليل پٿر جا بليڊ موجوده سنڌ جي ماڳن تان گهرايا ويندا هيا. يعني هن ماڳ جي وارثن جو سنڌو سڀيتا جي ٻين شهرن سان واپاري رابطو هيو.

هن ماڳ جي گهرن ۽ گهٽين مان رڍن، ٻڪرين ۽ مڇين جون هڏيون مليون آهن، جيڪي ڪائڻ بعد اڇلايل معلوم ٿين ٿيون . جنهن مان اهو ڏس ملي ٿو ته لاکاپور جا وارث مڇي جو شڪار ڪري ان کي ڪائڻ لاءِ استعمال ڪندا هيا. جڏهن ته رڍن، ٻڪرين جو نه فقط کير استعمال ڪندا هيا، پر انهن جو گوشت به کائيندا هيا. آباديءَ جي معيشت جو دارومدار چراگاهه ۽ آبي وسيلن تي هيو. هن ماڳ جي مڪمل کوٽائي ۽ مليل باقيات جي سائنسي کوج بعد سنڌو سڀيتا تي وڌيڪ روشني پئجي سگهي ٿي ۽ هن عظيم تهذيب بابت وڌيڪ راز پڌرا ٿي سگهن ٿا.

# رک سنڌي تي لکيل مضمون

## سنڌو ماٿري تهذيب جو جديد سائنسي، تجزيو پيش ڪندڙ ليکڪ رک سنڌي

ليکڪ: پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاهه

5 آگسٽ 1961ع تي ساهتي پرڳڻي جي تعلقي ڪنڊياري جي ڳوٺ حامد اچڻ [illegible] جنم ورتائين [illegible] سنڌ يونيورسٽي مان بي ايس سي جي سند حاصل

ڪندڙ غلام اصغر منگي صحافت  ادب جي دنيا 
اصغر آزاد  رڪ سنڌي جي نئين شناخت ماڻيندي
عوامي آواز, سنڌ سجاڳ, جاڳو, سچ, سوپ, تعمير
سنڌ  پين اخبارن  رسالن  ايڊيٽر  سب ايڊيٽر
طور ڪم ڪندي سوين ڪالمن  مضمونن سان
گڏ ڪيترائي اهم ڪتاب پڻ تحرير ڪيا آهن. سندس
تازو شايع ٿيل ڪتاب "سنڌو ماٿري تهذيب جي
اوسر" هڪ تاريخي, تحقيقي, علمي ادبي ڪوش
آهي جيڪا سنڌ امڙ جي شاندار ماضي جي
سائنسي چنڊ ڇاڻ ڪري نيون حقيقتون بيان ڪرڻ
سان گڏ وڌيڪ تحقيق لاء نوان رخ پڻ واضع ڪري
ٿي.
سنڌ جي نالي جي تاريخ بيان ڪندي رڪ سنڌي
پنهنجي ڪتاب  لکي ٿو تہ ڏهاڪو هزار سال اڳ
هتان جي رهاڪن جي ٻولي  درياء کي سنڌو چيو
ويندو هو  ان درياء جيڪري هن علائقي تي سنڌ
نالو پيو جنهن مان بعد  ايران جي واپارين هند 
روم جي واپارين انڊ جا نالا ٺاهيا تنهڪري هندستان
يا انڊيا جا نالا بہ سنڌ مان اخذ ٿيا آهن. سنڌو سپيتا
 موجوده سمورو پاڪستان, هندستاني پنجاب,
اولهہ يو پي, هريانہ, گجرات, ڪڇ, ڪاٺياواڙ,
مهاراشٽر  افغانستان جو ڪجهہ حصو شامل هئا
جنهنجو مرڪز موهن جو دڙو  موجوده سنڌ
مرڪزي صوبو رهي آهي. دنب سادات, هڙاپا,
ڪالي بنگن  لوٿل جهڙا شهر پين صوبن جا
مرڪزي شهر هئا.
ڌرتي جي تاريخ  تخليق سائنسي حوالن سان بيان
ڪندي رڪ سنڌي ٻڌائي ٿو تہ نيبولا يعني ٻرندڙ
گئس جي ٿڌي ٿيڻ سان سج جهڙن ٽڪرن يعني
تارن جي پيدائش ٿي جيڪي ڪشش ثقل سبب
ڦرندا رهيا  اهڙي طرح سج مان ڌرتي  ٻين

گرهن  سيارن جي پيدائش ٿي. سج مان جنم
وٺندڙ ڌرتي شروع  نـ ٿڌي هئي نـ گول پر
مسلسل ڦرڻ جيڪري اها ٿڌي  گول بڻي. ڌرتي
جو ٿئيا (Theia) نالي هڪ ٻئي سياري سان ٽڪر
سبب انهن ٻنهي سيارن مان هڪ ٽڪرو الڳ ٿيو
جيڪو ڌرتي جو چنڊ بڻجي ويو. ڌرتي جي ٿڌي ٿيڻ
سان نريل گئس  هوا بخارن جي صورت اختيار
ڪئي  خلا  ٿڌ هئڻ ڪري اهي بخار  گئسون
پاڻي بڻجي مينهن جي صورت  وسڻ لڳيون 
اهڙي طرح زمين جي هيٺاهين  سمنڊ ٺهيا. نريل
گئس  ٻين تبديلين پٿرن  ذات جي صورت اختيار
ڪئي  اهڙي طرح جبلن جنم ورتو. ڌرتيءَ جي
ارتقا ڪي جڳن (Eras), زمانن (Periods)  ايامن
(Epochs)  بيان ڪندي ٻڌائي ٿو تـ شروع 
صرف هڪ کنڊ  پوءِ ان مان وقت سان گڏ الڳ
الڳ کنڊن جنم ورتو. ڌرتي جي ارتقائي تاريخ
مطابق سنڌ سميت پورو پاڪستان ڪنهن زماني 
سمنڊ جو پيٽ هو  ان بعد گونڊو انا (
Gondwana) وڏي کنڊ جو حصو بڻي جنهن 
آسٽريليا, آفريڪا, عربي, هند سنڌ  ڏکڻ آمريڪا
يعني الاسڪا شامل هئا جڏهن تـ يورپ  اتر
آمريڪا لاريشيا (Laurasia) نالي ٻئي کنڊ  شامل
هئا. زمين تي برفاني دور اچڻ سان کنڊن 
تبديليون آيون  قراقرم جبلن جي جنم سان ننڍو
کنڊ الڳ ٿيو. کيرٿر کان دادو  بلوچستان جو پهاڙي
سلسلو  ڪارونجهر جو پهاڙ سلسلو هماليـ کان ٻـ
اڳ وجود  اچن ٿا. ننگر پارڪر جون ٽڪريون ساڍا
3 ارب سال اڳ جڏهن تـ رني ڪوٽ جو جابلو
سلسلو پڻ 6 ڪروڙ سال اڳ وجود وٺن ٿا. ٻـ اڍائي
لک سال اڳ سمنڊ هٽي وڃي ڪراچي واري دنگ
تي بيٺو  سنڌو ندي وهڻ شروع ٿي.

انسان جي تخليق بيان ڪندي رڪ سنڌي لکي ٿو تہ هڪ ڪروڙ پنجاھ لک سال اڳ راما پٿيڪس (Ramapithecus) يعني انسان جي حيواني نسل کان علحدگي بعد ابتدائي وجود کان وٺي 70 لک سال ڏاري سواپٿيڪس (Sivapithecus) يعني انسان جي ڪجھ سڌريل شڪل ۾ ان بعد منڇر جابلو سلسلي جو جڙڻ, 5 لک سال اڳ لوٽي ندي ۾ ننگر پارڪر ۾ انسان جي رهائش, باھ ۾ اوزارن جي ايجاد, 50 هزار سال اڳ روهڙي جي ٽڪرين ۾ انسان جي رهائش, 15000 سال اڳ ڪراچي, حيدرآباد, منڇر ڍنڍن ۾ انسان جي رهائش ۾ زمين کيڙڻ سان گڏ 8000 سال اڳ ڳوناٽيون زرعي ثقافتون جڙيون ۾ ڪکاوان گهر نهڻ شروع ٿيا. 4200 ق م ڪڙي گل محمد ۾ پڪا گهر نهڻ شروع ٿيا, 4000 ق م ۾ ڪنپارڪي چڪ جو بنياد پيو ۾ ذات پڻ ڳولي وئي, 3500 ق م کان وڏن شهرن جي اڏاوت شروع ٿي ۾ 1500 ق م تائين عروج تي پهتي جنهن بعد سنڌو ماٿري تهذيب پوئتي پوڻ شروع ٿي ۾ ان زوال جا مفروضا پڻ بيان ڪيا ويا آهن.

مٿي بيان ڪيل نقطن کان علاوھ اوائلي ٻولي ۾ سنڌو لکت سميت سنڌو ماٿري تهذيب جي مذهبي, معاشي, ثقافتي ء ٻين ڪيترن ئي رخن ۾ تجزيا پيش ڪيا ويا آهن. هنن سمورن تجزين ڪي دنيا جي ٻين تهذيبن خاص ڪري شام جي قديم شهر حلب (Aleppo), فلسطين جي قديم شهر أريحا (Jericho), ايران جي قديم شهر شوش (Susa) ۾ مصر سميت ٻين قديم شهرن سان پڻ سنڌو ماٿري تهذيب جي شهرن ۾ ٻين خاصيتن جي وڏيڪ سائنسي طور طريقي سان ڀيٽ ٿيڻ گهرجي.

(سنڌ يونيورسٽي نوشهروفيروز ڪيمپس جي پرو وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاهه طرفان رڪ سنڌي جي ڪتاب “سنڌو سڀيتا جي اوسر” جي مهورتي تقريب، ڇهين سيپٽمبر 2024 قاسم آباد، حيدرآباد ۾ پڙهيل مقالو)

# رڪ سنڌي جي ڪتاب ”سنڌو سڀيتا جي اوسر“ جو سرسري جائزو

طارق امام جوڻيجو

ڌرتي جي وجود ۾ اچڻ، انساني ارتقا يا اوسر تي تحقيق ڪرڻ ، لکڻ ، اُن جون گم ٿيل ڪڙيون ملائڻ، گڏ ڪرڻ، انهن کي ترتيب ڏئي انساني سڀيتا جي اصل روح کي نروار ڪرڻ يا تهذيب کي پنهنجي اصل جوهر ۾ پيش ڪرڻ هڪ وڏو جوکم وارو ڪم آهي. وري جي ذڪر سنڌو سڀيتا جي

اوسر جو هجي ته هي ڪم اُنهن چند ڪمن مان
آهي جن جي لاءِ چيو ويندو آهي ته هي ڪم
ناممڪن آهي. جنهن جي لاءِ وري ڏاها چئي ويا آهن
ته دُنيا جو ڪو به ڪم نامُمڪن نه آهي ٻين لفظن
۾ ته لغت ۾ ناممڪن لفظ آهي ئي ڪونه. هن
ڳالهه کي ٿورو سولو هيئن ڪري سگهجي ٿو ته اجا
ڪِي آهن ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي.
هر قوم ۾ ڪجھ ماڻهو اهڙا هوندا آهن جيڪي
پنهنجي اڻ ٿڪ محنت سان ناممڪن کي ممڪن
بڻائيندا آهن يا پنهنجي مقصد کي. حاصل ڪرڻ ۾
هار نه مڃيندا آهن سائين منهنجا اهڙن ئي عملي
ماڻهن مان هڪ آهي اسان جو پاءُ رڪ
سنڌي .جنهن اجا تائين هار نه مڃي آهي ۾ سنڌو
سڀيتا جي اُنهن ڪڙين کي ڳولڻ جي ڪوشش
ڪري رهيو آهي جن لاءِ اجا تائين ڪو نشان نه مليو
آهي.
سندن نندڙو تعارف هي آهي ته سندس نالو غلام
اصغر ولد غلام جعفر منگي آهي. پاڻ 5 آگسٽ
1961ع تي ڳوٺ حامد اڇڻ، تعلقي ڪنڊياري،
ضلعي نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو. شروعاتي
تعليم اتان ئي وٺڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي ڄام
شوري مان گريجوئيشن ڪئي.
پاڻ لکڻ جي شروعات 20 سالن جي عمر ۾
روزنامه هلال پاڪستان کان ڪيائين
1990 کان روزگار لاءِ وڃي ڪراچيءَ وسايائين.
1999ع تائين مختلف ادارن ۾ نوڪري ڪيائين.
اُنهي دوران ئي 1990ع کان صحافت ۾ پير پائي
اصغر آزاد جا نالي سان هڪ نئين سفر جي
شروعات ڪندي روزاني عوامي آواز، سنڌ سجاڳ،
جاڳو، سچ، سوڀ، تعمير سنڌ اخبارن ۾ مختلف
عهدن تي خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڻ، ڪيترن ئي

سنڌي اخبارن  رسالن  سوين مضمون ڪالم
لکيا آهن. مختلف صحافتي تنظيمن  پڻ شامل
رهيو آهي.
رڪ سنڌي، سنڌ جي حقن خاطر مختلف
قومپرست  ترقي پسند تنظيمن  به سرگرم
ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. پاڻ گذريل 20. 25
سالن کان ادب، سياست  صحافت سان لاڳاپيل
هجڻ سميت ڪيترن ئي ڪتابن جو خالق آهي،[1]
جن  هيٺيان ڪتاب ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل شامل
آهن.

1. سنڌو سڀيتا جي اوسر (تحقيق)
2. سنڌو سڀيتا جا محقق (تحقيق)
3. سنڌو سڀيتا، آرين  دراوڙن وارو مفروضو (تحقيق)
4. قومون  قومي تحريڪ آزادي
5. ٽوڙهي ڦاٽڪ جو سانحو
6. سنڌي قوم جو مقدمو
7. سنڌ جي سياسي صورتحال
8. تاريخ جي لاٽ
9. قاضي فيض محمد
10. سنڌ جي قومي تحريڪ  سنڌين جو اتحاد
11. اڄ جي سنڌ
12. منهنجون يادگيريون
13. ڌتڙيل ديس جي ڪهاڻي
14. سُڪي ڌرتي، ڌڪويل ماڻهو
15. پاڪستان طوفان جي گهيري  ترجمو
16. سنڌي ٻولي رت رتولي (ترتيب)
17. باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي (ترتيب)

اڄ سندس. ڪتاب سنڌو سڀيتا جي اوسر جي
تعارفي تقريب آهي جنهن تي ڪجهه ڳالهائڻ کان

ڀهرين ضروري آهي ته اسان اها ڳالهه سمجهون ته
انساني ارتقا اوسَرَ ڪيئن ٿي، تاريخ کان اڳ واري
دور مان ڇا مراد آهي ۽ سنڌو سڀيتا ڪهڙي دور ۽
جنم ورتو. ڌرتي جو وجود ۽ اچڻ ٿرڻ برفاني دؤرن
مان گذرڻ کان وٺي نباتات حيوانات جا دور گذاري
انساني دور تقريباً 300,000 سال اڳ (Homo
sapiens) انساني ظهور کان وٺي 5,000 سال
قبل مسيح تائين ٻڌايو وڃي ٿو. جڏهن انسان
تصويرن يا نشانين جي ذريعي پنهنجي ٻولي يا آواز
کي لکت جي صورت ڏيڻ شروع ڪئي
انهن دؤرن کي عام طور تي ٽن مکيه دورن ۾
ورهايو ويو آهي:
1. پراڻو پٿر جو دور:
300,000 - 10,000 سال اڳ، شڪار لاء قديم پٿر
جا اوزار شروع ڪيا يا شڪار لاء پٿر جو استمال
شروع ڪيو
2. وچون پٿر جون دور:
10,000 - 5,000 سال اڳ، پٿر جا وڌيڪ نفيس
اوزارن جي تياري يا ترقي ۽ ابتدائي زراعت جي
طريقن جي نشاندهي ڪئي وئي .
3. نئون پٿر جو دور:
5,000 - 2,000 سال اڳ، زراعت جي وڏي پيماني
تي پوک ڪرڻ، جانورن جي پالڻ، ۽ پيچيده سماج
جي جو اڀرڻ.
نئين پٿر جي دور ، انساني تاريخ ۾ هڪ تبديليءَ
وارو وقت هو، جنهن ۾ خانه بدوش، شڪاري طرز
زندگي کان زراعت جي ڪري گڏيل پيچيده سماج
جي اوسِرَ ٿي
هن سڄي تفصيل ۾ وڃڻ جو سبب اهو آهي ته
جيئن اسان سمجهي سگهون ته رُک سنڌي صاحب
جو هي ڪتاب

سنڌو سڀيتا جي حوالي سان ڪيتري اهميت رکي
ٿو ۾ پاڻ تاريخ کان اڳ جي وچايل سنڌ جي الجهيل
سٽ کي کيئن سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس،
جيڪڏهن ڳالهه ٿلهي ليکي ڪئي وڃي ته هي
ڪتاب 12هن بابن تي مشتمل آهي.
پهرين باب ۾ ڌرتي جو ڻرن. ڪنڌ يا ڪنڍن جو وجود
۾ اچڻ. برفاني دؤر آفريڪا ايشيا جو الڳ ٿيڻ ڪير
ٿر جبل جو ٺهڻ سنڌوندي جو وهڻ سَمُنڊ ۾ ڪرڻ يا
سنڌو ماٿر جي ارضياتي جاگرافي بحث هيٺ آيل
آهي. جنهن کي هڪ چارٽ جي صورت ۾ پڻ آسان
ڪري سمجهايو ويو آهي ته جيئن عام پڙهندڙ به
سولائيءَ سان سمجهي سگهي.
ٻيون باب تهذيبي سياسي جاگرافي تي آهي. جنهن
۾ سنڌ، هند، اند جي نالن تي بحث ڪيو ويو آهي
ٻُڌايو ويو آهي سڀ اچار سنڌ لفظ. جا ئي آهن.
سنڌو رياست يا سڀيتا اُن جي جاگرافيائي حدن،
تهذيبي سياسي سرحدن کي بيان ڪيو ويو آهي اُن
سان گڏ سندو ندي ۾ ٻين لاڳاپيل ندين جو سنڌو
نديءَ سان لاڳاپو يا جوڙ ٻڌايو ويو آهي. موسمِ
توڙي آبهوا جي تبديلي پڻ زير بحث آندي آهي.
1500ق م ۾ 850 سال جي ڊگهي سوڪهڙي يا
ڏڪر جو ذڪر پڻ ڪيو ويو آهي. جنهن جي ڪري
سنڌو سڀيتا جو زوال ٿيو
باب ٽيئن ۾ سنڌو ماٿر جي اوائلي انساني آبادين
تي مختلف حوالن سان اها ڳالهه ثابت ڪئي آهي
ته ان ڳالهه ۾ ڪو وڌاءُ ناهي ته سڀ کان پهرين
انسان يا آدم جو مسڪن سنڌو ماٿر بڻي . اتان ئي
انسان جو پهريون سفر شروع ٿيو. ان ئي باب ۾
پٿر جي ٽنهي دورن ، اُنهن جي آثارن توڙي
سماجهي زندگي جو جائزو ورتو ويو آهي

باب چوٿون سنڌو ماٿر جي زرعي ڳوٺاٽي ثقافت
متعلق آهي جنهن  ٻُڌايو ويو آهي ته 8000 هزار
سال اڳ نئين پٿر جي دور  سنڌو ماٿر زراعت
توڙي پٿر جي جديد اوزارن جي استعمال سان
ايتري ترقي ڪري چڪي هئي جو پنهنجي زندگين 
انقلاب برپا ڪري ڇڏيو هو. 4000ق م ٽامي جو
استعمال ڪيو. انهن دور  ئي سنڌو ماٿر جا ماڻهو
ٻيڙيون ٺاهي سَمُنڊ جي سينو چيري دُنيا جي
مختلف خطن  پنهنجو علم توڙي هنر ڦهلائيندا
واپار ڪندا وتندا هئا .
باب پنجين ڇهين  ستين  سنڌو ماٿر  شهري
رياست جي بنياد  معاشرتي حالت جي اُن وقت
جي ٻين تهذيبن سان ڀيٽا ڪئي وئي آهي. جمهوري،
سياسي ، صورتحال. پرامن تهذيب، ناچ ، سنگيت،
زيور ، جسماني ٺاهه ٺوه ، مصوري ، راندين،
رانديڪن، شهري بلدياتي رِٿابندي جو جائزو ورتو
ويو آهي.اهو ٻُڌايو ويو آهي ته اهو سَڀِ مقامي
طور تي ڪيو ويو. شهري رياست جو معاشي
جائزو زراعت، هنر، ڪاريگري شڪار، سائنسي
ايجاد، جاميٽري جي واقفيت. ٻيڙين يا ساموندي
جهازن جي تياري .پرڏيهه جا سفر، ٽرانسپورٽ 
ڦيٽي جو استعمال جنهن جا ثبوت مختلف ملڪن
مان مليا آهن
باب اٺين نائين  ڏهين  سنڌو سڀيتا جي وارٿن
جي ٻولي لپي شهري رياست مذهب  نظريي
توڙي پرڏيهه سان لاڳاپن تي آهي. جنهن  ٻڌايو
ويو آهي ته شهرن  مذهبي رواداري جو نظام هو.
شهري يا رياستي وهنوار جو مذهب سان ڪو به
تعلق نه هو. ڌرتي  عورت کي مٿاهون مقام
حاصل هو. 1500ق م کان پوءِ عورت جي جاء تي
مرد مضبوط ٿيو، مذهب مضبوط ٿيو، طبقاتي

سماج ڪي هٿي ملي. مذهبي نظرين ڪي هٿي ملي.اُن سان گڏ دُنيا جي مختلف تهذيبن سان واپاري لاڳاپن جي حوالي سان بحث ڪري اهو ثابت ڪيو ويو آهي ته سنڌو سڀيتا مان ئي ٻين سڀيتائن جنم ورتو آهي.

آخر  سنڌو ماٿر جي عوام جو نسلي جائزو ورتو ويو آهي، آرين جو سنڌ تي حملي جو مفروضو رد ڪيو ويو آهي. آريا ڪي ڪا به قوم يا قبيلو قبول نه ڪيو ويو آهي . سنڌو سڀيتا جي زوال جو مفروضو به رد ڪيو ويو آهي. هن سڄي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿئي ٿو ته محترم رُڪ سنڌي صاحب .تمام گهڻي جاکوڙ ڪري هي ڪتاب لکي ماضي  ٿيل مختلف تحقيقن کي اڳيان رکندي سنڌو سڀيتا جي حوالي ٿيل تحقيق کي هڪ ڪوزي  بند ڪيو آهي. جيڪو هڪ وڏو ڪم آهي.جنهن جي لاءِ پاڻ ڪيرون لهڻي.

(رڪ سنڌي جي ڪتاب “سنڌو سڀيتا جي اوسر” جي علي بابا لبِ مهراڻ ڪوٽڙي تي رونمائي تقريب دوران 7 سيپٽمبر 2024ع تي پڙهيل مقالو)

# رک سنڌيءَ جي ڪتاب ”سنڌو سپيتا: آرين ۽ دراوڙن وارو مفروضو“ جو جائزو

قاضي مقصود احمد

تاريخ، هڪ اهڙو علم آهي، جنهن ۾ بيانيه ڏيندي وچ ۾ پنهنجن مفادن سان لاڳاپيل نظرين جي گهڙت عالمن جي هڪ گروهه جو مزاج رهيو آهي.
تنهنڪري سنڌين کي، ٻاهرين محققن ۽ مورخن جون لکيل تاريخون ۽ تحقيقون ۽ مقامي ڪتابن ۾ انهن جا ڏنل حوالا دماغ جا در کولي پوريءَ ذميداريءَ سان پڙهڻ گهرجن.
رک سنڌيءَ جو ڪتاب ”سنڌو سپيتا: آرين ۽ دراوڙن وارو مفروضو“، يورپ جي سنڌ ۽ هند جي علائقن تي قبضي ۽ هتي جي ويڪائو مٿئين طبقي سان گڏ شراڪتي راڄ قائم ڪرڻ لاءِ جوڙيل هڪ نظرئي جي استعماري اصليت سامهون آڻڻ جي سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي آهي، جيڪو اسان کي

گهٽي وقت کان ڪورس ۾ پڙهايو پيو وڃي. پاڻ هن
نظرئي جي خالق طور جرمن ليکڪ ميڪس مولر
جو نالو ڏنو اٿس، جنهن 1850ع ۾ اهو نظريو پيش
ڪيو ۾ ٻولين جي هڪ وڏي گروهه کي آريائي ٻولين
طور پيش ڪيائين ۾ پوءِ منظر طريقي سان يورپ
مان آرين جي ايران ۾ سنڌ يعني سنڌو ماٿر ۾
پهچڻ جي پرچار ڪئي وئي. ان لڏپلاڻ کي ٻهرين
آرين جون ڪاهون قرار ڏنو ويو ۾ پوءِ انهن ڪاهن
جا ثبوت نه ملڻ تي پرامن لڏپلاڻون ڪوٺيو ويو.
مقامي سطحن تي هڪ پاسي اتر هند جي ماڻهن
کي آريا ڪوٺي انهن کي مراعت يافته طبقي طور
پنهنجي تابع رکيو ويو ته ٻئي پاسي ڏکڻ هند جي
ماڻهن کي سنڌو ماٿر جا اصل رهاڪو ڪوٺي، انهن
جو مان وڌائي کين مطيع رکڻ جا بنياد سگهارا ڪيا
ويا. هن معاملي ۾ ٻوليءَ جي لفظن کي ثبوت طور
ڪتب آندو ويو ۾ ٻولين جي درجه بندي ڪئي وئي.
هن سڄي ڪوشش دوران اصل قومن ۾ ٻولين کي
پنهنجي مرڪز تان ٿيڙيو ويو، جنهن جو سڀ کان
وڏو نقصان سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي رسيو.
رک سنڌيءَ جي ڪتاب ۾ انهن سڀني ڳالهين جو
مفصل جواب ڏيندي اهو ٻڌايو ويو آهي ته اها هڪ
سازش هئي ۾ آريائي نسل پرستيءَ واري ٿيوري
هڪ رٿابندي هئي ۾ 10 اپريل 1866ع تي رائل
ايشياٽڪ سوسائٽي لنڊن جي آفيس ۾ ننڍي کنڊ تي
قبضي لاءِ آريا نسل جو بنياد وجهڻ وارن نظريو
جوڙيو ويو. اڳتي اهو به واضح ڪيو ويو آهي ته
آرين جي اصل وطن بابت به ماهرن ۾ اختلاف
موجود آهي. سندس جوڙيل هڪ باب ۾ واضح ڪيو
ويو آهي ته آرين کي سندن جوڙيل اها ٿيوري
ڳچيءَ ۾ پئجي وئي جو سنڌو سڀيتا جو دريافت کان
پوءِ ننڍي کنڊ کي تهذيب سان روشناس ڪرائڻ

وارن نام نهاد آرين کي خبر پئي ته اصل تهذيب
يورپ يا يونان جي ناهي، بلڪه سنڌو سڀيتا جا
ماڻهو پهريان کان سڌريل  تهذيب يافته هئا. هن،
انهيءَ نقطي تي به ڳالهايو آهي ته آريا ڪو نسل
نه، پر سنسڪرت جو هڪ لفظ آهي، جنهن جي
معنيٰ معزز (Noble) آهي. ثبوت لاءِ هن 450ع
جي هڪ آڳاٽي ڊڪشنريءَ جو حوالو ڏنو آهي. هن
سنڌ  سنڌين جي فضيلت بيان ڪرڻ لاءِ ويدن جا
حوالا به ڏنا آهن  اهو به ٻڌايو اٿس ته خود يورپ
جي به ڪيترن ئي ماهرن آريائي نظرئي کي رد
ڪري ڇڏيو آهي.
اڄڪلهه هلي رک سنڌي، سنڌو سڀيتا کي دراوڙي
قرار ڏيڻ واري نظرئي تي ڳالهائيندي ٻڌائي ٿو ته
دراوڙي ٻوليون ڳالهائيندڙ انڊيا جي ڏکڻ وارن
علائقن جا رهواسي آهن . انڊيا جي انهن رياستن 
تامل نادو، ڪيرالا، ڪرناٽڪ، آنڌرا پرديش، تلنگانه
شامل آهن............. دراوڙي ٻوليون ڳالهائيندڙ
انڊيا جي آباديءَ جي 20 سيڪڙو جيترا آهن.
دراوڙي ٻولين جي گروپ  تامل، مليالم، تيلگو،
ڪنڙ  تلو سميت 70 زبانون شامل آهن.
پاڻ ٻڌائي ٿو ته جان مارشل، موهن جي دڙي جي
کوٽائي ڪرائي اتي جي ٻوليءَ کي دراوڙي زبان 
سنڌو تهذيب کي دراوڙي تهذيب ڪوٺيو. پاڻ سوال
ٿو اٿاري ته کوٽائي اڃا شروعاتي مرحلو  هئي 
ان مان مليل لکت پڙهجي نه سگهي هئي ته سر
جان مارشل اهو اندازو ڪيئن لڳايو ته موهن جي
دڙي جي وارثن جي ٻولي دراوڙي آهي  تهذيب،
دراوڙن جي تهذيب آهي. سندس تحقيق اها به آهي
ته دراوڙن جو نسلي گروهه تحت انڊيا جي لکت 
ڪٿي به ذڪر ڪونهي  اهو 19 صديءَ جي بيٺڪي
دور  نسلي گروهه طور ڪيو ويو. ان سلسلي 

هن بروهين جي دراوڙ هجڻ تي به ڳالهائي ان خيال
کي رد ڪيو آهي.
رڪ سنڌيءَ عالمن جي ان خيال کي به رد ڪيو
آهي ته سنڌو سڀيتا اوچتو ختم ٿي وئي، بلڪه هو
ان جو تسلسل برقرار هئڻ جو ذڪر پڻ ڪري ٿو.
ان سان گڏ سنڌو ماتريءَ مان ڏورانهن علائقن
ڏانهن ماڻهن جي لڏپلاڻ ۽ تهذيب جي آبياري ڪرڻ
جو به ذڪر ڪري ٿو. هن سنڌو تهذيب کي لڳايل
تازي ڪاٺ سنڌو سرسوتي تهذيب تي به ڳالهايو
آهي، جيڪا سنڌو تهذيب جي متبادل طور تي لاڳي
وئي آهي ۽ ان کي رد ڪيو آهي.
رڪ سنڌيءَ جو هيءُ ڪتاب سنڌي زبان ۽ سنڌو
تهذيب جو ڪيس پيش ڪري رهيو آهي، جنهن کي
علائقائي مفادن تحت ختم ڪرڻ لاءِ ڪيترائي جتن
ڪيا ويا آهن. سنڌي ماڻهن کي هن ڪتاب جو
ضرور مطالعو ڪرڻ گهرجي ۽ سنڌو تهذيب،
سنڌي ٻولي، سنڌو لکت، آريا ۽ دراوڙ لفظن جي
اصليت ۽ ارتقائي بنيادن کي سمجهي سنڌ جي
تاريخ ۽ تهذيب کي غلط تحقيق جي بنياد تي جهڪو
ڪرڻ ۽ لڪائڻ جو در بند ڪرڻ گهرجي.
رڪ سنڌيءَ جي هن قسم جي علمي جدوجهد کي
مان ڏيندي اڄ 31 چيٽ 1398 مطابق 20 اپريل
2024ع تي مٺياريءَ ۾ سندس ڪتاب "سنڌو
سڀيتا" آرين ۽ دراوڙن وارو مفروضو جي "سنڌو
سڀيتا جاڳرتا سٿ سنڌ" پاران مهورت ڪرڻ کان
علاوه ڪيس سنڌو سڀيتا ايوارڊ پڻ ڏنو پيو وڃي.
(هلال پاڪستان، حق سچ ۽ سنڌ اخبار ۾ سنڌ جي
ڏاهي ليکڪ رڪ سنڌيء جي ڪتاب "سنڌو سڀيتا "
آرين ۽ دراوڙن، وارو مفروضو تي ڇپيل منهنجو
آرٽيڪل 20 اپريل 2024ع)

# ڪتاب ”سنڌو سپيتا آرين □ دراوڙن وارو مفروضو“ تي تبصرو

پروفيسر مدد علي جهتيال

رک سنڌي جي ڪتاب سنڌو سپيتا( آرين □ دراوڙن وارو مفروضو) تي لکڻ منهنجي لاءِ وڏو اعزاز آهي، چو ت□ مان ڪو ايڏو وڏو محقق ن□ آهيان جو رک سنڌي جي لکيل تاريخي ڪتاب تي پنهنجو رايو ڏئي سگهان بهرحال مڙي قلم کي روان رکندي ڪجهه لکيو آهي، سپ کان پهريان رک سنڌي جو مختصر تعارف اوهان تائين پهچائيندو هلان ت□ رک سنڌي 5 آگسٽ 1961ع تي تعلقي ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز جي ڳوٺ حامد اڄڻ □ جنم ورتو. سندس اصلي نالو غلام اصغر آهي، پاڻ ذات جا منگي آهن. هن سنڌ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪرڻ ڪان پوءِ قومي تحريڪ □ سرگرم رهيو، تنهن ڪان پوء پاڻ صحافت جو پيشو اختيار ڪيو. جيڪو ٽن ڏهاڪن تي مشتمل آهي، پاڻ روزاني سنڌ سجاڳ جي ايڊيٽر □ روزاني جاڳو ڪراچي جي ايڊيٽر □ پبلشر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. جڏهن ته روزاني عوامي آواز ڪراچي، روزاني سچ ڪراچي، روزاني سوپ ڪراچي، روزاني تعمير سنڌ ڪراچي، روزاني سنڌ حيدرآباد □ نيوز ايڊيٽر □

اسسٽنٽ ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڻ
مختلف صحافتي تنظيمن ۾ شامل رهيو آهي.رڪ
سنڌي سنڌ جي حقن خاطر مختلف قومپرست ۽
ترقي پسند تنظيمن ۾ پڻ سرگرم ڪردار ادا ڪندو
رهيو آهي. هو گذريل 30 سالن کان ادب، سياست
۽ صحافت سان لاڳاپيل هجڻ سميت ڪيترن ئي
ڪتابن جو مصنف پڻ آهي، جن ۾ ڪيترائي ڪتاب
ڇاپيل آهن. جڏهن ته سندس سوين مقالا ۽
مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا
آهن. ۽ سندس ڇپيل ڪتاب هي آهن،
سنڌو سپيتا جي اوسر (تحقيق)
قومون ۽ قومي تحريڪ آزادي (سياسي صورتحال)
ٽوڙهي ڦاٽڪ جو سانحــو (تاريخ ۽ سياسي
صورتحال) سنڌي قوم جو مـقـدمــو (تاريخ،
سياسي صورتحال) سنڌ جي سياسي صورتحــال
(تاريخ، سياسي صورتحال)تاريخ جي لاٽ (ادب)
قاضي فيض محمد (سوانح) ســنڌ جي قـومـي
تـحـريـڪ ۽ سـنڌين جو اتحاد (مقالا ۽ مضمون) اڄ
جي سنڌ (مقالا ۽ مضمون) منهنجون يادگيريون
(سوانح) ڏتڙيل ديس جي ڪهاڻي (مقالا ۽
مضمون) سُڪي ڌرتي، ڏڪويل ماڻهو (مقالا ۽
مضمون) پاڪستان طوفان جي گهيري ۾ (بينظير
ڀٽو جي ڪتاب جو سنڌي ترجمو سنڌي ٻولي رت
رتولي .باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي شامل
آهن . مٿين ڪتابن کان پوءِ رڪ سنڌي صاحب جو
تازو ڪتاب سنڌو سپيتا، آرين ۾ دراوڙن وارو
مفروضو آهي
جيڪو ذوالفقار هاليپوٽو جي آشياني مينيزاز لطيف
آباد حيدرآباد ۾ 12اپريل 2024 تي شاندار مهرتي
تقريب منعقد ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي سلڇڻي صالح
فرزند- محقق- ڪالم نويس رُڪ سنڌي صاحب ۽

نالي وارن اديبن، شاعرن جي مان ۾ ڊنر جو پڻ بندوبست ڪيو ويو-
جنهن جي صدارت نوجوان نثرنگار جاويد سوز هالائي ڪئي-
خاص مهمان شاعر- براڊڪاسٽر نصير مرزا صاحب ڪئي- محقق هڪ ڳالھ تي رازي ٿيا ت
ڪتاب سنڌ جي تاريخ بابت ڦهلايل ڪوڙين سازشن کي رک سنڌي وائکو ڪري پنهنجي تاريخ پاڻ لکڻ جو اتساھ ڏنو آهي-انگريزن توڙي ٻين محققن سنڌ جي تاريخ سان ڪھڙا هاجا ڪيا، هن تحرير ۾ انهن سازشن ۾ مڪارين تان پردو ڪڇي ٿو-
جنهن ۾ هڪ زبردست ڳالھ اها ٿيل آهي ته اسان کي دراوڙ نه پر پنهنجي سنڌي هجڻ تي فخر هجڻ گھرجي- هي ڪتاب دليلن سان اهو بحث ثابت به ڪري ٿو-
ان موقعي تي صدارتي راء ڏيندي جاويد سوز چيو ته رُک سنڌيء جو هي ڪتاب موئن جي دڙي جي تاريخ جو اهم دستاويز آهي،خاص مهمان سينيئر اديب ۾ براڊ ڪاسٽر محترم نصير مرزا پنهنجي گفتگو ۾ چيو ته رُک سنڌيء جو مفروضي تي آندل هي ڪتاب پڙهندڙن لاء اميد ته دلچسپ ثابت ڪندو،
شريڪ ٿيندڙ اديبن:سليم چني, صاحب پڻ رک سنڌي جي لکيل ڪتاب جي پرپور ساراھ ڪئي، منصور قادرجوٽيجي,واحد ڪانڌڙي,گلشيرڪوريجي,محبوب سنڌي,نثار ڳاهي, پروفيسر مدد علي جهتيال,مولابخش محبتي,ستار سروهي,تراب علي تراب,فدا ڪلرائي,جمشيد رند ، نثار ڳاهو ۾ ٻين ڪتاب 'سنڌو سپيتاۓ تي مختصر ۾ جامع گفتگو ڪرڻ سان گڏ خوب ساراهيو.

ڪتاب جو مزيد خلاصو پڌائيندو هلان ت ڪتاب 
هيٺين موضوعن تي شاندار لکيو ويو آهي،
سنڌو ماٿري تي آرين جي حملي واري ٿيوري،
ٻولين وچ  هڪ جهڙائي
آريائي حملي، لڏپلاڻ وارو مفروضو، هڪ سازش،
آرين جي اصل وطن بابت ماهرن  اختلاف،
انگريزن جو غلامن لاء تعليمي سرشتو،
يورپ کي پنهنجي ئي ٿيوري ڳچي  پئجي وئي،
آرين جو حملو  رگ ويد،
ويدن  سنڌو ندي جي ساراھ،
آرين  اڻ آرين  ويڙھ جا سبب،
آريائي ٿيوري ماهرن طرفان رد،
سنڌو سڀيتا کي دراوڙي قرار ڏيڻ وارو مفروضو،
براهوي  دراوڙي تهذيب وارو مفروضو،
ايران  آريائي نسلي مفروضو،
آريائي ٿيوري  برصغير  گھوڙي جو وجود،
جينياتي بنيادن تي آريائي حملي وارو مفروضو رد،
تهذيب جو تسلسل برقرار،
سنڌو ماٿري مان پرڏيھ ڏانهن لڏپلاڻ،
نتيجا،
سنڌو سڀيتا جي سڃاڻپ سان هٿ چراند، وغير
تي شاندار تحقيقي ڪم ٿيل آهي،
ڪتاب جي مهاڳ  رڪ سنڌي صاحب بهترين لفظ
لکيا آهن ت اڄ جي جديد سائنسي دور  ڪنهن ب
ملڪ، قوم، خطي يا ڪا ب ٻولي ڳالهائيندڙن بابت
ڪو ب ڪوڙ، لپاڙ بازي يا غير حقيقي دعوي ڦٻي ن
ٿي سگھي، ڇاڪاڻ ت جيسيتائين هر دعوي جا
ٺوس سائنسي بنياد ثابت ن ٿيندا، ان کي فقط
پنهنجي خواهش تي سچ قرار ڏئي ن ٿو سگھجي.
ان ڪري قديم دور جي تهذيب، ثقافت، ماڳن،

مڪانن، موسم، درياهي وهڪرن بابت ڪا ٻ□
ڪوڙي دعوي پير ڪوڙي بيهي ن□ تي سگهي.
مقصد چوڻ جو اهو آهي محقق رک سنڌي صاحب
انتهائي باريڪ بيني سان ڪتاب کي سهيڙيو آهي،
جيڪو تاريخ جي ڪئي ڪتابن جي پٽ واکي ڪري
ٿو، هن ڪتاب کي پڙهڻ کان پوءِ پڙهندڙ يقينن
پنهنجي راءِ تي غور ويچار ڪندا □ ان ڳالهه کي
سمجهي ويندا ت□ منهنجي تحقيق يا مون جيڪو
پڙهيو آهي اهو اڻ پورو آهي، محقق جو تقريب
دوران اهو ٻ□ چوڻ هو مون تحقيقي ڪم انتهائي
حساس طريقي سان ڪيو آهي ليڪن تحقيقي ڪم
هميش□ مڪمل ن□ تي سگهيو آهي □ تي سگهي ٿو
ت□ ايندڙ وقت □ ٻيو ڪو محقق ان تي اجان کي
ٻيون تحقيقتون پيش ڪري، آخر □ مان رک سنڌي
جي محنت کي سرخ سلام پيش ڪيان ٿو، هن عمر
□ ٻ□ هو علمي تحقيقي جاڪوڙ جاري رکيون پيو
اچي □ يقينن ايندڙ وقت □ اجا ٻي ڪا ڪنهن ٻئي
موضوع تي تحقيقي آٿي سگهي ٿو.

# ڪتاب ”قومي آزادي جون تحريڪون“ تي تبصرو

پروفيسر مدد علي جهتيال

رک سنڌي جو ١٨ ڪتاب قومي آزادي جون
تحريڪون تي لکڻ منهنجي لاءِ وڏو اعزاز آهي، رک
سندي جو مختصر تعارف اوهان تائين پهچائيندو
هلان ت□ رک سنڌي 5 آگسٽ 1961ع تي تعلقي
ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز جي ڳوٺ حامد اجڻ □
پيدا ٿيو. سندس اصلي نالو غلام اصغر آهي پاڻ

ذات جا منگي آهي. هن سنڌ يونيورسٽي مان
گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ قومي تحريڪ جو
سرگرم رڪن رهيو تنهن کان پوءِ پاڻ صحافت جو
پيشو اختيار ڪيو. جيڪو ٽن ڏهاڪن تي مشتمل
آهي، پاڻ روزاني سنڌ سجاڳ جي ايڊيٽر ۽ روزاني
جاڳو ڪراچي جي ايڊيٽر ۽ پبلشر طور خدمتون
سرانجام ڏنيون. جڏهن ته روزاني عوامي آواز
ڪراچي، روزاني سچ ڪراچي، روزاني سوڀ
ڪراچي، روزاني تعمير سنڌ ڪراچي، روزاني سنڌ
حيدرآباد ۾ نيوز ايڊيٽر ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور
خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڻ مختلف صحافتي
تنظيمن ۾ شامل رهيو آهي.رڪ سنڌي سنڌ جي
حقن خاطر مختلف قومپرست ۽ ترقي پسند
تنظيمن ۾ به سرگرم ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي.
هو گذريل 30 سالن کان ادب، سياست ۽ صحافت
سان لاڳاپيل هجڻ سميت ڪيترن ئي ڪتابن جو
خالق رهيو آهي، جن ۾ ڪيترائي ڪتاب ڇاپيل آهن.
جڏهن ته سندس سوين مقالا ۽ مضمون مختلف
اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. ۽جڏهن ته
سندس ڇپيل ڪتابن ۾
1. سنڌو سڀيتا جي اوسر (تحقيق)
2. سنڌو سڀيتا جي محقق (تحقيق)
3. سنڌو سڀيتا، آرين ۽ دراوڙن وارو مفروضو
(تحقيق)4. قومون ۽ قومي تحريڪ آزادي (سياسي
صورتحال)5. ٽوڙهي ڦاٽڪ جو سانحو (تاريخ ۽
سياسي صورتحال)6. سنڌي قوم جو مقدمو
(تاريخ، سياسي صورتحال)7. سنڌ جي سياسي
صورتحال (تاريخ، سياسي صورتحال)8. تاريخ
جي لاٽ (ادب) 9. قاضي فيض محمد (سوانح)
10. سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌين جو
اتحاد (مقالا ۽ مضمون)11. اڄ جي سنڌ (مقالا ۽

مضمون)12. منهنجون يادگيريون (سوانح)13.
ڏتڙيل ديس جي ڪهاڻي (مقالا □ مضمون)14.
سُڪي ڌرتي، ڏڪويل ماڻهو (مقالا □ مضمون)15.
پاڪستان طوفان جي گهيري □ (بينظير ڀٽو جي
ڪتاب جو سنڌي ترجمو 16. سنڌي ٻولي رت
رتولي .17. باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي
شامل آهن .

رڪ سنڌي پنهنجي ڪتاب □ قومي تحريڪن جي
دنيا ليول کان شروعات جي تفصيل لکي آهي،
جنهن □ پاڻ لکن ٿا ت□ اصل تحريڪن جي شروعات
مزدور تحريڪن کان شروع ٿئي ٿي پوء دنيان جون
ٻيون سڀ تحريڪون جنم وٺن ٿيون، کان پوء
سندس ڪتاب □ ڏنل عنوان، خاندان کان قوميت
تائين سفر، قومي وجود جي اوسر، قوم جا غلط
تصور، قومپرستي □ سامراج، قومي آزادي جون
تحريڪون، قومي تحريڪن جو انقلابي ڪردار،
قومي سوال □ مارڪسزم، قومي تعلقاتن جي
ترقي □ ٻ□ رجحان، آزاد قومن جي پورهيت بين
الاقواميت □ قومن جي هڪ ٻيڻ وارو عمل، شاندار
طريقي سان لکيو □ نڀايو آهي، ائين سمجهو
مصنف دريا کي ڪوزي □ بند ڪري پيش ڪيو آهي
جيئن مختصر پڙهي پڙهندڙ پنهنجو مقصد حاصل
ڪري سگهي،
ڪتاب □ جيڪا رهجي ويل ڳالھ منهنجي سمجھ □
اها آهي ت□ ڪتاب □ ماضي جون تحريڪن جو
خلاصو آهي ڪاش موجودھ حالتن □ قومي
تحريڪن جو حال لکي ها ت□ ڪتاب □ چار چنڊ لڳي
وڃن ها، خاص ڪري سنڌ جي قومي تحريڪن جي
حال □ مستقبل جو ذڪر ضرور ڪري ها، ڇو ت□
هن وقت اهو تصور عام آهي ت□ قومي تصور جون
تحريڪون پنهنجي اها پوزيشن وڃائي چڪيون آهن

جيڪي ڪين ماضي ۾ هو، اڄ جي نوجوان کي ان حوالي سان مڪمل ڄاڻ ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي، هي اها مسلسل نہ ڏني وئي تہ رهيل ساخ تحريڪن جي ختم ٿي سگهي ٿي،
اڄ 31 مارچ 2024 تي ڪتاب جي مهرتي تقريب ٿي گذري ان تقريب کي ڪرائڻ وارو پليٽ فارم بزم روح روان حيدرآباد آهي جيڪا قاسم آباد حيدرآباد ۾ بزم روح روان جي جنرل سيڪريٽري واحد ڪانڌڙي ڪرائي، تقريب ۾ چئن ضلعن ضلع سانگهڙ، ضلع مٽياري، ضلع ڄامشورو ۽ ضلع حيدرآباد جي نالي وارن اديبن شاعرن ، محققن ۽ قومي فنڪارن کان ويندي گهڻ گهرن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي هر ماڻهو رڪ سنڌي ۽ ان جي ڪتاب تي ڳالهايو، اميد ڪجي ٿي تہ قومي تحريڪن مٿان اهڙا ڪتاب لکجندا رهندا،
(ڇپيل: 3 اپريل 2024ع روزاني سوپ ڪراچي)

# رڪ سنڌيء جو سنڌ جي قديم تاريخ بابت اهم ڪتاب

ماڻڪ ملاح

سنڌي ٻوليءَ جي هاڪاري اديب □محقق رڪ
سنڌيءَ جو سنڌ جي قديم تاريخ بابت اهم ڪتاب
سنڌو سڀيتا جي اوسر شايع ٿي مارڪيٽ □ اچي
ويو آهي رڪ صاحب جو جنم توڙي جو ڪنڊيارو
جي هڪ گمنام ڳوٺڙي □ ٿيو پر هن پنهنجي زندگيءَ
جو وڏو عرصو سڪرنڊ □ گذاريو سڪرنڊ هن جوڀيو
گهر هوندو هو جتي هو اصغر آزاد منگيءَ جي نالي
سان اسان جهڙن سيڪڙاتن کي پنهنجي علمي ڄاڻ
جا سبق ڏيندو هو ائين هن سڪرنڊ □ ڪوڙ اهڙا
شاگرد ٺاهيا جيڪي اڄ ب ساڻس پيار ڪن ٿا رڪ
صاحب 1989ڌاري سڪرنڊ مان سنڌوڌارا نالي
سان ماهوار رسالو ب جاري ڪيو هو پاڻ مشهور
سنڌي اخبارن روزاني سنڌ سجاڳ روزاني سچ □
روزاني جاڳو ڪراچي جو ايڊيٽر ب رهي چڪو آهي
رڪ صاحب سنڌ جي تاريخ ادب □ سياست جي
حوالي سان ڪيترائي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي
جهوليءَ □ ڏئي چڪو آهي جن □ ويهن کان مٿي
سندس ڪتاب شايع ٿي پنهنجي مڃتا مڃائي چڪا
آهن جڏهن سڪرنڊ جي سڃاڻ ڏات ڏٺين سائين
تاج جويو سائين لطيف پيرزادي سائين عبدالرحمان
عبد منگيو سائين خاڪي جويو سائين عبدالحڪيم
ارشد ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو سائين مير محمد
پيرزادي □ سائين مير حسن لاڪو کي ساڻ ڪري
سنڌي ادبي سنگت سڪرنڊ جو بنيادي ڏنڊڻ بيباڪ
اديب سائيين گل محمد چنا نوابشاهيءَ 1972 □
لڳايو ت ان ڏنڊڻ اڄ جڏهن گلابي گلن سان سنڌ
هند □ سڳنڌ ڏيڻ شروع ڪئي آهي ت ان گلابي
ڏنڊڻ کي بنيادي محبتن جو پاڻي ڏيندڙ □ بنيادي
ميمبرن □ شمار رڪ سنڌيءَ جو ب ٿئي ٿو سنڌي
ادبي سنگت سڪرنڊ رڪ سنڌي صاحب جي هن
آيل ڪتاب کي پليڪار چوندي جلدي ئي هن ڪتاب

جو مهورت سڪرنڊ ۾ ڪرائيندي رڪ صاحب جو هي ڪتاب پڻ سندس آيل اڳ جي ڪتابن وانگر سنڌ جي تاريخ ۾ اهم حيثيت جوڙي ٿو رڪ صاحب هن ڪتاب ۾ تحقيق ذريعي اها ڳالهه ثابت ڪئي آهي ته پراڻي (پروٽو) سنڌي ٻولي ئي سنڌو سڀيتا جي وارثن جي ٻولي هئي. سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون موهن جي دڙي واري سڀيتا ۾ ڪتل آهن. پروٽو سنڌي ٻوليءَ جون خاصيتون هندستان جي ٻين ٻولين ۾ هجڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته انهن ٻولين جو اصل بڻ بڻياد پروٽو سنڌي هئي. بابل ۾ ميسوپوٽيميا ۾ سنڌي ٻوليءَ جون نشانيون ملڻ مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته سنڌو ماٿر جي ترقي يافته تهذيب جي وارثن واپار سانگي اتي پهچڻ بعد پنهنجي ٻوليءَ جو انهن ديسن ۾ ڦهلاءُ ڪيو. جنهن ڪري بابل ۾ ميسوپوٽيميا جي قديم آثارن مان ٻولي بابت مليل باقيات جو موهن جي دڙي جي ٻولي سان هڪجهڙائي ان جو ثبوت آهي. ماهرن اهو ثابت ڪيو آهي ته مکيه دراوڙي ٻوليون تامل، تيلگو ۾ ڪناڙي اصل پروٽو سنڌي ٻوليءَ جي اثر هيٺ رهيون آهن. جڏهن ته سنسڪرت جي ڀيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ گهڻي پراڻي آهي. رڪ صاحب هن ڪتاب ۾ تحقيق ڪندي لکي ٿو مان پنهنجي هن ڪتاب ” سنڌو ماٿر جي سڀيتا“ ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي پيدائش کان وٺي موهن جي دڙي جي تهذيب يعني سنڌو سڀيتا جي زوال بابت جوڙيل مفروضي تائين واري دور جو احاطو ڪيو آهي. جيالاجي ماهرن موجب سنڌ ڌرتي جو وجود اڄ کان اٽڪل 100 ڪروڙ سال اڳ ٽيٿس سمنڊ جي اندران ميداني علائقي ۾ پهاڙي سلسلي ابرڻ جي ڪري ٿيو. هن ڪتاب ۾ سنڌ ڌرتي جي وجود بابت تفصيل سان لکيو ويو آهي. جيئن پڙهندڙ جي ذهن ۾ هن ڌرتي

جي پئدائش، هتي انساني ارتقا ۽ تهذيبي ارتقا
بابت هڪ خاڪو جڙي سگهي

(ماڻڪ ملاح جي فيس بوڪ پروفائيل تان ورتل:
13 آگسٽ 2024ع)

# رڪ سنڌي جي ڪتاب “سنڌو سڀيتا جي اوسر” جو اڀياس

ليکڪ: خير محمد عاشق سولنگي

سنڌ ملڪ اهو آهي، جنهن جي تمدن، بابل، سمير، مصر، يونان ۽ پوءِ روم پهتي. سنڌو تهذيب جي مڙني دورن جا مرحلا سنڌ ۾ موجود ۽ سنڌين ۾ موجود آهن. سنڌي ٻولي دنيا جي سمورين ٻولين کان قديم آهي. آرين ۽ دراوڙن جي جنگين جا مفروضا هاڻي رد ٿي چڪا آهن. آريءَ جي معنى

هاري آهي. هارين کي ئي آريا يعني زراعت جا ڄاڻو  سڌريل ڇيو ويو. سنڌ تهذيبن جو بڻ بڻياد آهي. سنڌي ماڻهو ئي سڄي دنيا جي مختلف علائقن  پيڙين تي چڙهي پاڻي جي رستن جي ذريعي  جانورن جي ذريعي خشڪ رستن سان آباد ٿيندا رهيا. رڪ صاحب پنهنجي ڪتاب “سنڌو سڀيتا جي اوسر”  وڏيڪ لکيو آهي ته 1500 ق م تائين سنڌو ماٿر جي سڀيتا جو اوج رهيو آهي. جتي جتي به سنڌين کي سک مليو، انساني ضرورتن جون شيون ملنديون رهيون، اتي آباد ٿيندا رهيا. نيون شيون جيڪي به نظر آيون، انهن تي نالا رکيا ويا  انهن جي استعمال بابت نوان لفظ سنڌي ٻولي  شامل ٿيندا ويا  هزارين سال گذرڻ بعد يقينن ٻوليءَ جي شڪل شبيهه  لهجا پڻ تبديل ٿيندا رهيا. صحتمند ماحول، جانورن  زراعت جي سهوليت سان گڏ واپار جون سهوليتون جتي به مليون، انهن علائقن  هزارين سال اڳ سنڌي سنڌ مان سفر ڪري وڃي آباد ٿيا آهن. سنڌو تهذيب فقط سنڌ مان ڦٽي نڪتي آهي. سنڌو تهذيب جا وارث دراوڙ نسل نه پر سنڌي هئا.

آسٽريليا  ايشيا  ڏهن ڪروڙن کان مٿي سماٽ يا ڄاموٽ نسل وارا ٺيٺ سنڌي نسل جا ماڻهو آباد آهن. جڏهن ته بلوچ، سرائڪي، پنجابي، مارواڙي، ڍاٽڪي، ڪڇي، گجراتي، بنگالي، تامل، مليشيائي، ڪاٺياواڙي  خراساني نسلن جا ماڻهو سماٽ جون نکون  پاڙا آهن.

تاريخ جي اوائلي دورن □ دنيا جي نقشي تي فقط سنڌ سڃاتي وڃي ٿي. انهن دورن □ افغان، پشتون □ بلوچن يعني افغانستان □ بلوچستان نالي جا علائقا يا ملڪ دنيا جي نقشي تي موجود نه هئا. سنڌ جون سرحدون روس، سمرقند، بخارا، آذربائيجان، ايران سان ملندڙ هيون. سڄي ايشيا □ وڏي □ وڏو ملڪ سنڌ موجود هيو.

هند نالي سان ڪوبه مذهب دنيا □ نه رهيو آهي □ هندو قوم نالي دنيا □ ڪابه قوم وجود نه ٿي رکي. رڪ سنڌي پنهنجي ڪتاب □ لکي ٿو ته هندو لفظ سنڌي ٻولي جو لفظ "سنڌو" آهي. جنهن کي بعد □ ايراني واپارين "سنڌ" مان ڦيرائي "هند" ڪيو. ساڳي طرح مارواڙيءَ □ چئبو آهي ته هُون هانگڙ جائي پيو. يعني آئون سانگهڙ وڃان پيو. هن جملي □ به "هه" "سين" جي جاءِ تي استعمال ڪئي وئي آهي. هڪڙين ٻولين خاص ڪري يورپي ٻولين □ وري سنڌوءَ کي اندو، انڊو □ انڊيا يا انڊس ويلي سڏيو ويو آهي. انهن سنڌو ماٿريءَ کي انڊس يا انڊيا سڏيو آهي. راجا پرٿ ڪمار جي ڪري ڪجهه علائقن کي ڀارت به چيو ويو. انگريزن □ مغلن هتي سنڌ □ هند □ پوءِ گڏيل هندستان جا محاورا ڏنا آهن □ انگريز سامراج جي منشا مطابق هندو اڪثريت □ مسلم اڪثريتن کي هندو □ مسلم قوم سڏيو ويو. جڏهن ته هندو ته اندو □ سنڌوءَ مان نِهيل آهي. البت مسلم قوم جو دنيا □ ڪٿي به وجود نه

آهي. بلڪه مختلف قوم جا ماڻهو دين اسلام اپنائڻ
سبب مسلم امت سڏجن ٿا.

سنڌ ۾ اوائلي دور کان اشتراکي نظام رهيو آهي.
زراعت جي ترقيءَ جي ڪري اهي آريا يعني
سڌريل هاري مالوند ۾ اناج جا ذخيرا رکڻ ڪري
شاهوڪار بڻجي مٿئين طبقي جا بڻجي ويا ۽ پوءِ
سنڌ ۾ طبقاتي جنگيون ٿيڻ لڳيون.

رک سنڌيءَ جي هن ڪتاب مان ثبوت ملن ٿا ته
سنڌ ئي جياپي جا دگ ايجاد ڪيا آهن. مثال طور:
زراعت، صنعت، طب جو علم، ڪنڀار، لوهار،
سوناري، صراف، واڍي، رازي ۽ موچي وغيره جي
شڪل ۾ هنرن جو علم. چمڙي جي استعمال جو
علم، موسيقي ۽ فلڪيات جو علم. واپار ۽ جهاز
راني جو علم، چوپايو مال پالڻ جو علم، سنگ
تراشي، چترڪاري، تصويرڪشي ۽ ٻولين جو علم.
مڇي مارڻ جو علم، واهڻ وستيون، ڳوٺ ۽ شهر
ٺاهڻ جو علم، سمورن هنرن جي اوزارن ٺاهڻ جو
علم، حڪومتي ۽ معاشرتي علم، لوڪ گيتن جي
شڪل ۾ شاعري جو علم، تهذيب، تمدن، ثقافت،
ناٽڪن ۽ سانگ سجائڻ جو علم. سنڌين جي قديم
آڪاٽين ۾ اُڏام کٽولي ۽ آرسي ۾ دنيا ڏسڻ جا تصور
ڏنا ويا آهن. جن بنيادن تي هوائي جهاز، ميزائيل،
چنڊ گاڏيون ۽ ڪمپيوٽر يا موبائيل فون ايجاد ڪيا
ويا آهن. بيل گاڏيءَ جي ڦيٿي ۽ چرخي، هرلي نار
جي گراڙين جي ايجاد بعد ريل گاڏيون ۽
ٽرانسپورٽ جو نظام وجود ۾ آيو آهي.

آرڪيالاجي جي علم مطابق سڄي ايشيا کنڊ ۾ ٻين کنڊن ۾ موهن جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافتن جا نشان ملندا رهيا آهن ۽ اجا به ملڻ جا امڪان موجود آهن. قدرتي آفتن، طوفانن، زلزلن، درياهي ٻوڏن، سامونڊي چڙهاين، وبائي بيمارين ۽ ڌارين حملي آورن جي داداگيري، قتل غارت ۽ ڦرلٽ سبب سنڌ جي ماڻهن مختلف رخن ۾ لڏپلاڻ پئي ڪئي آهي. سنڌ جي اها سموري لڏپلاڻ پرامن ۽ نوان نوان علائقا ڳولڻ واري رهي آهي.

جڏهن به ذاتي ملڪيتن جي ڪري استحصالي قوتن ۽ طبقن جنم ورتو تڏهن کان بکين قومن طرفان محنت ۽ جدوجهدون ڪرڻ بجاءِ شاهوڪار ملڪن جي سرحدن کي اورانگهي تمام وڏي قتل عام ڪري قومن کي لٽيو، ڦريو ۽ قبضا ڪري غلامن تي ڪارا قانون ۽ قائدا مڙهيا آهن.

عرب قوم ۽ انگريز قوم سنڌ ۾ سنڌين کي نيست و نابود ڪرڻ جون شعوري ۽ وحشي ڪوششون ڪيون، پر اهو تمام وڏو معجزو آهي جو اهڙن حادثن هوندي سنڌي قوم زنده رهي آهي. مستقبل ۾ جڏهن به آرڪيالاجي ۽ سائنس جي نوس طريقن سان تاريخ جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويندي ته سنڌي قوم ئي دنيا جي قومن، تهذيبن ۽ ٻولين جي ماءُ ثابت ٿيندي. رڪ سنڌي جي هن ڪتاب ۾ تحقيق بعد ٻڌايو ويو آهي ته ڌرتيءَ تي سڌريل انسانن جا اوائلي نشان سنڌ مان مليا آهن. موهن جي دڙي جي تهذيب مان مليا آهن.

عربن سنڌين جي نشانين کي باهيون ڏئي ساڙي ۽ قتل عام جي ذريعي معاشيات جي سنڌين کان ڦرلٽ ڪئي. انگريزن ٻراجي نظام ۽ ريلوي جي نظام جي ذريعي سنڌ ۾ سنڌين مٿان غير سنڌين کي قابض ڪيو ۽ سنڌين ۾ جاگيرون ورهائي سنڌ دشمن غدار پئدا ڪيا. اهي غدار اڄ تائين حاڪم آهن ۽ انگريز سامراجيت ۽ عالمي مالياتي ادارن ۽ نيٽو جي اتحادي ملڪن جي مفادن جي حاڪميت ڪندي سنڌ ۽ سنڌين کي تباهه برباد ڪري رهيا آهن.

انساني جياپي جو سارو دارومدار معيشت آهي. آمدنيءَ جي ذريعن کي عوامي مفادن لاءِ برابري ۽ سراسري جي طريقن سان استعمال ڪرڻ سان ئي قومون خوشحال ٿينديون آهن. انسانن جي زندهه رهڻ، عزت وقار ۽ خوشحالي سان جيئڻ جو سارو دارومدار معاشي انصاف تي ٻڌل نظام ۾ ئي هوندو آهي.

رک سنڌي صاحب، تاريخ جي ان سفر ۾ علم ذريعي سنڌيت جي بحالي لاءِ هڪ جنگي محاذ قائم ڪيو آهي. مسلسل جاکوڙيندي لکندو رهيو آهي. سندس سمورا ڪتاب ۽ مضمون سنڌين جي بحالي ۽ انساني وقار لاءِ ئي آهن. رک صاحب جي ان اڻ ٿڪ محنت تي سنڌي قوم کي هميشه فخر ۽ ناز رهندو. رک سنڌي جي لکڻين جي سموري جاکوڙ خراج تحسين ۽ ساراهه جوڳي آهي.

هاڻي ان ڳالهه جي شديد ضرورت آهي ته رڪ
صاحب جي ان پورهئي کي سنڌي عوام تائين پهچڻ
گهرجي. اسين اديب، شاعر، صحافي، ليکڪ، ڪالم
نگار، مضمون نويس، ناٽڪ نويس، ساڃاهه وند،
دانشور ۽ باشعور حلقن جا ماڻهو فقط فقط هڪ
ٻئي کي حاجي، غازي، زوار ۽ مومن جا لقب ڏيندا،
خوشامند ڪندا رهنداسين ته ان مان ڪوبه فائدو
قوم، عوام ملڪ ۽ انسان ذات کي ٿيڻو ئي ناهي.
کهڙي به ريت اهي ڪاوشون ۽ انقلابي خيال
سياست ۽ عوام جي ڪم اچڻ گهرجن. سنڌ جي
ليکڪن لکيو به گهڻو آهي ۽ لوڙيو به گهڻو آهي.
انهن جي لکڻين کي به سلام آهي. پر سنڌ جي
سڄڻن سان لاڳاپا رکڻ لاءِ حڪومتي رعايتون
ٺوڪاري، ڦٽيون ڪري، گهتون ۽ گوهيون يا گديون
ڇڏي، سنڌ دشمنن جون دشمنيون مٿي تي کڻي به
سچ ڳالهائڻو پوندو. جيئن رڪ سنڌي سچ لکيو آهي.

سنڌو سڀيتا تي کوجنا لاءِ اديبن ساراهڻ جهڙو ڪم
ڪيو آهي. پر اهو عوام تائين نه پهتو آهي۽ نه ئي
عوام تي اثرانداز ٿيو آهي. عوامي سياستدان
سرڪاري ۽ حڪومتي اديبن کان لنوائيندا آهن ۽
حڪومتي نوڪريون ڪندڙ اديب وري عوامي
سياستدانن کان لنوائيندا آهن. هڪڙا اديب پنهنجا
گناهه لڪائڻ لاءِ ٻين گنهگار اديبن ۽ ڏاهن جي
ڏوهن جي نه رڳو پرداپوشي ڪندا آهن بلڪ انهن
جا مجاور بڻجي ويندا آهن.

سنڌ ڌرتي مقدس ۽ مقدم آهي، سنڌي قوم لڻيل قريل غلام آهي. سنڌ جو عوام طبقاتي طرح حاڪمن جو پيڙهيل ۽ پينل آهي. انهن جي عزت، وقار ۽ سنڌيت جي بحالي ئي اسان سنڌين جي آزادي، امن ۽ خوشحالي جي ضمانت آهي. اسان کي گفتار جي غازيءَ بدران ڪردار جو غازي بڻجي جدوجهد جو حصو ٿيڻ گهرجي. رڪ سنڌي صاحب جي پورهئي کي مڃتا ڏيڻ گهرجي. سندس هي ڪتاب “سنڌو سڀيتا جي اوسر” 175 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ سنڌو سڀيتا جي اوسر جي سائنسي بنيادن تي وڪالت ڪيل آهي. سمورن موضوعن تي دليلن سان لکيو ويو آهي، حوالا پڻ ڏنا ويا آهن. ڪيس جس ڏيندي سندس پورهئي کي سلام ڪرڻ گهرجي. مون کي مطالعي لاءِ ٻن ڪتابن جي عنايت ڪئي وئي آهي، ان لاءِ به سندس ٿورائتو آهيان. رڪ سنڌي جي ڪتابن کي غور فڪر سان پڙهيو ۽ پڙهايو وڃي. سنڌ جي ڳوٺن ۽ ديهن، شهرن، وهڪرن، وسندين، ماڳن ۽ مڪانن جي قديم نالن مان ئي سنڌ جي تهذيب، ٻولي، ثقافت ۽ تاريخ جي ڇنڊ ڇاڻ ٿيڻي آهي. سنڌي ادبي سنگت جهڙي ادبي ۽ قومي اداري کي ٻين ثقافتي ادارن کي انهن ڪمن بابت ڪو لائحه عمل ٺاهڻ گهرجي، رڪ سنڌي جي پورهئي تي غور ڪرڻ گهرجي.

(نوٽ: هي مقالو حيدرآباد قاسم آباد ۾ بزم روح رهاڻ طرفان ٿيرين سيپٽمبر 2024ع تي رڪ

سنڌي جي ڪتاب “سنڌو سپيتا جي اوسر” جي مهورتي تقريب  پڙهيو ويو.)

# رڪ سنڌي جو قلمي پورهيو

راجا انور چانڊيو

اڄ بزم روح رهاڻ طرفان حيدرآباد جي دل ڪي لپائيندڙ موسم  اسان جي صحافتي  ادبي سفر جي انتهائي مانيٽي معتبر  با اخلاق طبيعت جي مالڪ سينيئر صحافي محقق  اديب سائين رڪ سنڌي جي تازو ڇپيل ڪتاب قومي آزادي جون تحريڪون جي مهورت ٿي رهي آهي جيڪو عمل بهترين آهي جنهن تي بزم روح رهاڻ  پائو واحد ڪانڌڙو ڪي جس هجي سائين رڪ ڪي ته اسين ڪافي عرصي پنهنجي تمام ويجهو رکون ٿا پر اڪثر دوست سائين رڪ ڪان واقف نه آهن ته هوء ڪير  ڪٿان جو آهي ان لاء دوستن سان شيئر ڪجي ٿو ته سائين رڪ سنڌي 5 آگسٽ 1961ع تي تعلقي ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز جي ڳوٺ حامد اڄڻ  پيدا ٿيو. سندس اصلي نالو غلام اصغر

منگي آهي. هن سنڌ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ صحافت جو پيشو اختيار ڪيو. پاڻ روزاني سنڌ سجاڳ جي ايڊيٽر  روزاني جاڳو ڪراچي جي ايڊيٽر  پبلشر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. جڏهن ته روزاني عوامي آواز ڪراچي، روزاني سچ ڪراچي، روزاني سوڀ ڪراچي، روزاني تعمير سنڌ ڪراچي، روزاني سنڌ حيدرآباد  نيوز ايڊيٽر  اسسٽنٽ ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڻ مختلف صحافتي تنظيمن  شامل رهيو آهي.رڪ سنڌي سنڌ جي حقن خاطر مختلف قومپرست  ترقي پسند تنظيمن  به سرگرم ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. هو گذريل 30 سالن کان ادب، سياست  صحافت سان لاڳاپيل هجڻ سميت ڪيترن ئي ڪتابن جو خالق رهيو آهي، جن  ڪيترائي ڪتاب ڇاپيل آهن. جڏهن ته سندس سوين مقالا  مضمون مختلف اخبارن  رسالن  شايع ٿيندا رهيا آهن. جڏهن ته سندس ڇپيل ڪتابن 

1. سنڌو سڀيتا جي اوسر (تحقيق)
2. سنڌو سڀيتا جي محقق (تحقيق)
3. سنڌو سڀيتا، آرين  دراوڙن وارو مفروضو (تحقيق)4. قومون  قومي تحريڪ آزادي (سياسي صورتحال)5. ٿوڙهي ڦاٽڪ جو سانحو (تاريخ  سياسي صورتحال)6. سنڌي قوم جو مقدمو (تاريخ، سياسي صورتحال)7. سنڌ جي سياسي صورتحال (تاريخ، سياسي صورتحال)8. تاريخ جي لاٽ (ادب) 9. قاضي فيض محمد (سوانح) 10. سنڌ جي قومي تحريڪ  سنڌين جو اتحاد (مقالا  مضمون)11. اڄ جي سنڌ (مقالا  مضمون)12. منهنجون يادگيريون (سوانح)13. ڏتڙيل ديس جي ڪهاڻي (مقالا  مضمون)14.

سُکي ڌرتي، ڏکويل ماڻھو (مقالا ۽ مضمون)15.
پاڪستان طوفان جي گھيري ۾ (بينظير ڀٽو جي
ڪتاب جو سنڌي ترجمو 16. سنڌي ٻولي رت
رتولي .17. باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي
شامل آهن جنهن جون رڪ سائين کي لک لک
مبارڪون هجن ۽ ڪيس دعا آهي ته پنهنجي مدد
پاڻ تحت اها جستجو جاري رکندو باقي حڪومتي
ادارا اجان ايترا مضبوط نه آهن جو ڪتابن جي
ڇپائي ۽ ڪن غريب ليکڪن جي مدد ڪن ۽حق
موجود سدائين گڏ جيئي سنڌ۔
(بزم روح رهاڻ حيدرآباد طرفان رڪ سنڌي جي
ڪتاب جي مهورتي تقريب 31 مارچ 2024ع تي
پڙهيل)

# سنڌو تهذيب بابت رک سنڌيءَ جو ڪم

قاضي مقصود احمد

سنڌو تهذيب تي ڪيل ڪم ٻن قسمن جو آهي. هڪڙو آثارن جي تحقيق ڪري انهن جي قدامت ۽ تاريخ ۽ مختلف علائقن سان تهذيبي تعلق کي چٽو ڪرڻ، ٻيو آهي تحقيق جي غلطين کي سڌارڻ ۽ تهذيب جي باري ۾ غلط رجحانن جي نندا ڪرڻ.

پهرئين قسم جو ڪم ته پنهنجي جڳهه تي اهم آهي ئي، جيڪو هن فن جا ماهر ئي ڪندا آهن ۽ اهي شين جي چڪاس ڪندي انهن جي باري ۾ معلومات فراهم ڪندا آهن ۽ سائنسي اوزارن سان انهن جي عمر طئه ڪندا آهن. ٻئي قسم جو ڪم ان حوالي سان اهم آهي جو ماهر تحقيق ڪري ان تهذيب جي بانيڪارن، تاريخي حوالن سان

ان جي پکيڙ □ ٻين علائقن جي ماڻهن سان لاڳاپن جو تعين ڪندا آهن.

تحقيق □ ڪتي ڪتي محققن جا گروهي رجحان به ڪارفرما ٿي ويندا آهن. بدقسمتيءَ سان سنڌو تهذيب جو خاڪو انهن گروهي رجحانن تحت ڪيل تحقيق جي ڪري ڪافي متاثر ٿي رهيو آهي. ان سلسلي □ اسان کي مختلف رجحان ڏسڻ □ اچي رهيا آهن. جهڙوڪ وٽ سٽ ڏئي سنڌو تهذيب کي ٻاهران آيل ماڻهن جي تهذيب قرار ڏيڻ جن جو موجوده نسل سنڌ سان لاتعلقي رکندڙ □ سنڌي سڏائيندڙن کان پاڻ کي الڳ ليکيندڙ آهي، جڏهن ته تاريخ ان جي ابتڙ بيان پيش ڪري رهي آهي. سنڌو ماٿر جي سنڌ جي نالي سان ڳنڍيل جاگرافيءَ رهڻ کان انڪار ڪرڻ □ تاريخ جي سگهارين روايتن کي مسخ ڪري پيش ڪرڻ، هزارين سال اڳ سنڌ کي ڇڏي وڃڻ جي دعوا رکندڙ نسلن کي سنڌ جي آڳاٽن آثارن جو معمار قرار ڏيندي سنڌ جي ماڻهن کي انهن جي وارثيءَ جي حق کان سراسر محروم ڪرڻ جي دعوا ڪرڻ وغيره وغيره.

رڪ سنڌي، جيڪو اسيءَ واري ڏهاڪي کان وٺي ادب، صحافت □ تاريخ سان سلهاڙيل آهي، سندس ڇپيل ارڙهن ڪتابن □ تاريخ □ تهذيب سان لاڳاپيل ڪتاب اڄ جي سنڌ (هڪ مطالعو)، تاريخ جي لاٽ، سنڌو سڀيتا جا محقق، سنڌو تهذيب جا ماڳ، سنڌو سڀيتا جي اوسر، سنڌو سڀيتا (آرين □

دراوڙن وارو مفروضو) شامل آهن. ان کان علاوه پاڻ، پنهنجي نالي سان جوڙيل هڪ ويب چينل “Ruk Sindhi” تي خاص طور تي سنڌو تهذيب، تاريخ توڙي سنڌ جي نسلن جي حوالي سان ليڪچر پڻ ڏيندو رهندو آهي. انهن ليڪچرن ۾ اهي موضوع خاص طور تي شامل هوندا آهن، جيڪي سنڌو تهذيب ۽ سنڌ جي تاريخ کي بگاڙڻ جي ڪوشش جو حصو آهن ۽ سندس ليڪچرن ۾ انهن کي واضح دليلن سان رد ڪيو ويندو آهي. هي اصل ۾ مجاهداڻو ڪم آهي. ڇو ته ان کي ڏسڻ وارا سچي دنيا ۾ ويٺل آهن. جن مان کي سنڌو تهذيب جو چهرو بگاڙڻ جا مرتڪب هوندا آهن ته کي انهن کي جواب ڏيندڙ، جن کي رک سنڌيءَ جي تحقيق مان تاريخ جي نون گسن کان واقف ٿي اهڙن ماڻهن کي جواب ڏيڻ ۾ آساني ٿيندي آهي. ان سلسلي ۾ ويجهڙائيءَ ۾ سندس رکيل هڪ ليڪچر ۾ تامل نادِو جي وڏي وزير پاران موئن جي دڙي جي لکت کي پڙهڻ لاءِ ڏهه هزار ڊالر انعام رکڻ پويان موجود مقصد واضح ڪندي ٻڌايو ويو آهي ته دراوڙ پاڻ کي سنڌ جي تهذيب جا اصل وارث سمجهن ٿا، جيڪي انگريزن جي پيش ڪيل اوائلي نظرئي تحت آرين جي حملي ڪارڻ سنڌ مان لڏي ويا هئا ۽ اهي سنڌو تهذيب سان سنڌين جي تعلق کان انڪاري آهن. اهڙا ڪيترائي ليڪچر موجود آهن، جن کي ڏسي ٻڌي ۾ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ذهن ۾ پيدا ٿيندڙ سوالن جا جواب هٿ ڪري پنهنجون غلط فهميون ختم ڪري سگهن ٿا. بيشڪ

رڪ سنڌي سنڌ جو هڪ وڏي مطالعي وارو دانشور آهي. سنڌي ماڻهن کي پنهنجن اهڙن عالمن ۾ دانشورن تي ناز ڪرڻ جڳائي ٿو.

سنڌو تهذيب جي اهميت ۾ سنڌين جي ان سان انسيت کي چٽو ڪرڻ لاءِ 2020ع کان سنڌو تهذيب جو ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي. رڪ سنڌي ان سلسلي ۾ سنڌيت جي ناتي سان سنڌو سپيتا جاڳرا سٿ سنڌ سان پوريءَ طرح جڙيل رهيو آهي، جيڪا اسان جي خوشقسمتي آهي. ان سلسلي ۾ ڪيس ۾ سنڌ جي قديم لکت تي ڪم ڪندڙ ڊاڪٽر منصور ٿلهي کي گذريل سال جي مرڪزي پروگرام ۾ سنڌو سپيتا ايوارڊ سان پڻ نوازيو ويو هو. هن سال سندس جامع ڪم تي ڪيس پيتا ڏيڻ لاءِ هي ٻه اکر لکيا ويا آهن ته جيئن سنڌي ماڻهو پنهنجي شناخت کي سمجهڻ لاءِ سندس ڪم ڌانهن ڌيان ڏين ۾ تاريخ سان چاهه رکندڙ نوجوان پنهنجي تاريخي تشخص جي علامت "سنڌو تهذيب" کي پنهنجي تحقيق جو محور بنائي سگهن.

ياد رهي ته سنڌو تهذيب جو ڏهاڙو سنڌو سپيتا جاڳرتا سٿ سنڌ ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اعلان تي هر سال 22 مارچ تي ملهايو ويندو آهي. جنهن ۾ سوشل ميڊيا تي هڪ ٻئي کي سنڌو سپيتا سان لاڳاپيل هجڻ جون واڌايون ڏنيون وينديون آهن، ڪٿي ادبي ويهڪن ۾ سنڌو سپيتا تي ڳالهايو ويندو آهي، ڪٿي ان ڏهاڙي تي ڪيڪ ڪاٽيو

ويندو آهي ته ڪي دوست وري ڏهـاڙي جي نسـبت سان سنڌو تهـذيب تي آرٽيڪـل لکي مـاڻهن کي ان جي اهميت کان واقف ڪندا آهن. هن سـال بـه 22 مـارچ 2025ع تي اهـو ڏهـاڙو ملهـايو وينـدو. جنهن شـرڪت ڪـرڻ جي سـڀني سـنڌ دوسـتن کي نينـڊ ڏجي ٿي.

(مختلف اخبارن م ڇپيل، 07 مارچ، 2025ع حيدرآباد سنڌ)

# ”سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ“ ڪتاب جو اڀياس

شاهده ڪلهوڙو

اسان جڏهن پنهنجي عظيم تهذيب سنڌو ماٿري بابت ڪو به ذڪر ٻڌندا هئاسين ته اها ڳالهه ٻولهه موهن جو دڙو کان شروع ٿي موهن جي دڙي تي ئي ختم ٿيندي هئي. اسان سنڌو ماٿري جي تهذيب جو ڪل اثاثو موهن جي دڙي کي سمجهندا هئاسين. ڇاڪاڻ ته اسان جو علم اڻ پورو هو. اسان کي پنهنجي ٻولي سنڌي ۽ اهڙي ڪابه تفصيلي ڄاڻ نه ڏني وئي هئي ته سنڌو ماٿري جي تهذيب جو اڪيلو اهڃاڻ فقط موهن جو دڙو ناهي پر گذريل هڪ صدي دوران ان عظيم سولائيزيشن جا ڪيئي سوين هزارين ماڳ يعني سائيٽون ملي چڪيون آهن. ان حوالي سان وڏو ڪردار اسان جي سينئر تاريخدان ۽ محقق رک سنڌي جو آهي. جنهن سنڌو ماٿري جي تهذيب بابت تفصيلي ڄاڻ اسان کي پنهنجي ٻولي ۾ مهيا ڪري ڏني آهي. رک سنڌي جي سنڌو ماٿري جي تهذيب بابت سربستي ڄاڻ تي مشتمل ليڪچرن جي سلسلي کي سنڌ سميت دنيا جهان ۾ وڏي پذيرائي ملي آهي. خاص ڪري سندس يوٽيوب چيل تي موجود ليڪچر سيريز کي هزارين ماڻهن ڏٺو ۽ ٻڌو آهي. جڏهن ته ناميارِي ليکڪ رک سنڌي جي فيس بوڪ پيج تي

انڊس سولائيزيشن بابت رڪيل وڊيوز سنڌو تهذيب کي سنڌ جي موجوده نسل کي روشناس ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.
سنڌ جي سينيئر اديب، محقق ۽ تاريخدان رڪ سنڌي جا هن وقت تائين 13 کان وڌيڪ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ تازو سندس 2 ڪتابن “سنڌو سڀيتا: آرين ۽ دراوڙن وارو مفروضو” ۽ “سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ” سنڌ جي تاريخ بابت نئون بحث ڇيڙي ڇڏيو آهي. انهن ڪتابن ۾ خاص ڪري سندس ڪتاب “سنڌو سڀيتا: آرين ۽ دراوڙن وارو مفروضو” وڏي مڃتا ماڻي آهي. ان ڪتاب جون حيدرآباد، ڪراچي، مٽياري ۽ سڪرنڊ ۾ مهورتي ۽ تعارفي تقريبون منعقد ٿي چڪيون آهن. جن ۾ سنڌ جي سينئر اديبن ۽ تاريخ سان دلچسپي رکندڙن شرڪت ڪري هن ڪتاب کي سنڌ جي تاريخ بابت هيل تائين سنڌي ٻولي ۾ لکيل ڪتابن ۾ اهم اضافو قرار ڏنو آهي.
سنڌ جي تاريخ تي گذريل 30 سالن کان تحقيق ڪندڙ رڪ سنڌي جو هڪ ڪتاب “سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ” تازو مارڪيٽ ۾ آيو آهي. جنهن ۾ پهريون ڀيرو سنڌو تهذيب جي 92 قديم ماڳن تي تفصيلي ڄاڻ ڏني وئي آهي. هي سنڌي ٻولي ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪتاب آهي. جنهن ۾ نه فقط موجوده سنڌ پر سنڌو تهذيب جي 5 هزار سال اڳ وارين سرحدن اندر مليل ماڳن بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي. رڪ سنڌي موجب هن وقت تائين پاڪستان ۽ انڊيا ۾ سنڌو سڀيتا جا 2 هزار کان وڌيڪ ماڳ دريافت ٿي چڪا آهن. جن مان ڪجهه قديم آثارن ۾ پٽن جي کوٽائي ڪئي وئي آهي ته ڪن جي صرف نشاندهي ڪئي وئي آهي. جن ۾ سنڌ مان مليل ماڳن ۾ موهن جو دڙو، آمري،

ڪوٽڏجي، چانهون جو دڙو، ڳاڙهو پڙو، نهٽو، ٽرڙي گجو، ڪوهٽراس ٻني، پانڌي واهي، علي مراد، ڊرپ ڏيٿڙي، ٿيڙ، لڪمير جي ماڙي، ڪائي ٻني، لنڊي ٻني، ليمون جوٽيجو، غازي شاهه، نارو وارو دڙو، ڏنپ ٻني، ديهه ماڙي صابري، ڏيسوئي، الهڏنو، عاملاٽو، عارب جو ٿاٽو، شاهه جو ڪوٽڙو، ٻانڊٽي، چونرو، ڍال، ڏيجي جي ٽڪري، گورنڊي، حسن علي، جهڪڙ، جانگهارا، ڪرچاٽ، ڪجور، لڪيو (پير لاڪو)، لوهري، ليلان جي ماڙي، لوهم جو دڙو، اورنگي، عثمان جي ٻني، پئي جو ڪوٽڙو، پوڪراڻ، ٽنڊو رحيم، تونگ ٻني، احمد شاهه، ٻچاٽي، ٻانڌڙي، ٻيبي جي پٽ، چٽي جو ڪنڌ، ڍلاٽي جو ڪوٽ، جيري جو ڪلات، جڏيرن جو دڙو، ڪڇو ٻني، ڪنڊر پٽ، ڪانڌي واهي، ڪرهيو پير پانڊاري، ڪرنڊ جي پٽ، ڪوسو دڙو، ڪونج سر، لنڊي نوڙهي، لال چٽو، ممڙو، مرڪان، مشتاق، ترگاٽي جو ڪنڌ، نڪا، ڦنگ، راڇو ديرو، روهيل جو ڪنڌ، سنياسي ٻني، ٿارو ٽڪري، نيڙهي بهادر شاهه، پير شاهه جڙيو، نيل بازار، جهانگري، منو ڏياٽو، ڏامراهو، ڪوٽيشر، وجهڙوٽ، لاڪين جو دڙو □ ٻيا شامل آهن. جڏهن ته بلوچستان جا قديم ماڳ مهر ڳڙهه، ڪڙي گل محمد، دمب سادات، ستڪاجن در، نال، راڻا گندئي، بالاڪوٽ، دشتوء ستڪا ڪوهه، تربت، شاهي تمپ، واهل، بيلا، ڪولي، نندرا، نوڪجا شاهه، نندوري، ڪناڙ، ميهي، سرخ ڏنپ، خضدار، انجيرهه، پٺاٽي ڏمپ، ڪوٽرا، سياهه ڏنپ، قلات، گاند ڏمپ، ڪرتا، ٽوگائو، بابر ڪوٽ، شوجنگل، ڪناڙي، ڪيچي بيگ، ڪوئيٽا مري، مغل گندائي، پيراٽو گندائي، دبر ڪوٽ □ ٻيا شامل آهن. پختون خواهه جا قديم ماڳن □ بنون، سري ڪولا، ڪرم شاهه، گوملا، رحمان ڳڙهي، هٿالا، جهنگ، شهباز

ڳڙهي ۾ پيا شامل آهن. ٻئي طرف موجوده پنجاب
جي قديم ماڳن ۾ هڙاپا، گنويري والا، ترڪي، سانڌ
نارو، 24 ماڳ بهاولپور ۾ قديم هاڪڙي درياهه جي
ڪنارن تي، لوري والا ٽر، بهوٽ، ڪدوالا، ونيوال،
جلال پور، ليهه، چڪ پربان سيات، موسى خيل ۾
پيا شامل آهن. اوپر پنجاب، هريانه ۽ راجپوتانه ۾
مليل قديم ماڳن ۾ ڪالي بنگن، ڪوٽ پلان، ڪوجلا
نيهنو، بارا، عالمگير پور، نگر، روپر، 14 ماڳ
بيڪانير ۾، دوب، هريانه رياست ۾ راکي ڳڙهي ۾
پيا شامل آهن. سنڌي ٻولي ۾ هن قسم جو
تحقيقي ڪتاب سنڌ جي تاريخ تي مستقبل ۾
تحقيق ڪندڙن ۾ خاص ڪري تاريخ سان دلچسپي
رکندڙن لاءِ ڪارائتو ڪم آهي.

ليکڪ پاڻ ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڄاڻائي ٿو ته “سنڌو
ماٿري جي تهذيب اڄ کان هڪ صدي اڳ برصغير
تي برطانوي قبضي دوران دريافت ڪئي وئي. دنيا
جهان جا ماهر ان تي تحقيق ڪري رهيا آهن. ان
سلسلي ۾ ڪيئي پراجيڪٽ تيار ڪري ۾ ادارا
جوڙي کوجنا ڪئي پئي وڃي. سنڌو سڀيتا تي دنيا
جي ٻين ملڪن ۾ جيتري تحقيق ٿي آهي، افسوس
جو ان بابت ان خطي ۾ ايتري کوجنا نه ٿي آهي،
جتي اها عظيم تهذيب پنهنجو وجود رکي ٿي. ڀارت
کي ڇڏي، جيڪڏهن پاڪستان تي نظر وجهجي ته
هتي سنڌو تهذيب کان لاتعلقي جو رجحان انتهائي
ڏکوئيندڙ آهي. اصل ۾ سنڌو ماٿري ۾ رهندڙ ماڻهن
پنهنجي تهذيب جي وارثي ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي.
دنيا اندر سنڌو ماٿري جي تهذيب تي جيڪا جديد
تحقيق ٿي رهي آهي. ان کان به هتان جي ماڻهن
کي اڻ ڄاڻ رکيو ويو آهي.”

(ڇپيل: روزاني سوپ ڪراچي، 7 جون 2024ع ،
روزاني هلال پاڪستان ڪراچي 9 جون 2024ع،
روزاني سنڌ، 6 جون 2024ع)

# What Microsoft copilot says about Ruk Sindhi and his research work

Ruk Sindhi’s research on the Indus Valley Civilization is quite extensive and insightful. He has focused on various aspects of this ancient civilization, including its origins, urbanization, economy, and eventual decline.

Origins and Urbanization: In his book “Rise of Indus Civilization,” Ruk Sindhi explores how the civilization began and developed along the banks of the Indus River. He highlights the strategic importance of the river, which provided a reliable source of water for drinking and agriculture, as well as fertile soil due to annual flooding12.

Economic Structure: Ruk Sindhi has also delved into the economic aspects of the Indus Valley Civilization. He discusses the advanced trade networks, both within the civilization and with neighboring regions. The civilization’s economy was largely based on agriculture, supplemented by trade in goods such as beads, metals, and pottery2.

Social System: Another significant area of his research is the social structure of the Indus Valley Civilization. Ruk Sindhi examines the societal organization, including the roles of different classes and the evidence of a relatively

egalitarian society compared to contemporary civilizations3.

Cultural Continuity and Decline: Ruk Sindhi’s research also addresses the decline of the Indus Valley Civilization. He presents evidence suggesting that the civilization did not end abruptly but continued to evolve into other cultural forms, such as the Jhukar culture in Sindh and the Cemetery-H culture in Punjab1.

His work provides a comprehensive understanding of one of the world’s earliest urban civilizations, shedding light on its complexities and contributions to human history.

# Profile of Ruk Sindhi generated by Meta AI

Ruk Sindhi is a prominent figure in Pakistan, known for his work as a historian, writer, and journalist. He has made significant contributions to the field of history, particularly in the area of the Ancient Indus Valley Civilization. His research and writings have shed light on the history and culture of Sindh and Pakistan.

Some of his notable works include:

- "Rise of Indus Civilization" (2016)
- "Indus Civilization Scholars" (2016)
- "National Movement of Sindh" (2015)
- "Qazi Faiz Mohammed" (2014)

He has also written numerous articles and books in Sindhi, including:

- "Sukhi Dharti, Dkhoial Manhoon" (2015)
- "Tareekh Ji Latt" (2013)
- "Aaj ji Sindh" (2012)
- "Qomoon aien Qomi Tahreek Azadi"
- "Thorhi Phatak jo Sanhoo"

- "Sindhi Qoom jo Muqadammon"
- "Sindh ji Sayasi Sorathal"
- "Sindh ji Qomomi Tahreek aien Sindhaien jo Ithad"
- "Indus Civilization: Aryan and Dravidian Hypothesis"

Ruk Sindhi's work has been widely recognized, and he is considered one of the leading experts on the Indus Valley Civilization in Pakistan.